REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني سنڌيار سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) خميس 21 ڊسمبر 2023 ع بمطابق 07 جمادي الثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 205

پاڪستان بلاڪ پوليٽڪس ۾ يقين نہ ٿو رکي: آرمي چيف

پاڪستان دهشتگرديءَ خلاف ويڙهہ ۾ بي مثال قربانيون ڏنيون آهن، پاڪستاني عوام جي حمايت سان آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين اها جنگ جاري رهندي

ڪشمير بين الاقوامي طور تسليم ٿيل تڪرار آهي، ڪو بہ هڪ طرفو قدم ڪشميري عوام جي خواهشن جي خلاف هن تڪرار جي نوعيت کي تبديل نہ ٿو ڪري سگهي

پاڪستان ڏکڻ ايشيا ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ آمريڪا سان ڊگهي مدي وارن بهتر لاڳاپن ذريعي آمريڪا سان مضبوط لاڳاپا وڌائڻ جو خواهشمند آهي

آرمي چيف آمريڪا ۾ ٿنڪ ٽينڪس ۽ ميڊيا سان خصوصي ڳالهہ ٻولهہ دوران علائقائي، سلامتي ۽ بين الاقوامي دهشتگردي بابت پاڪستان جو موقف پيش ڪيو : آءِ ايس پي آر

آرمي چيف جنرل عاصم منير جون آمريڪي دوري دوران سياسي ۽ عسڪري قيادت سان ڳالهيون مثبت رهيون

راولپنڊي (م د) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي تہ پاڪستان بلاڪ پوليٽڪس ۾ يقين نہ ٿو رکي. پاڪستان دهشتگرديءَ خلاف ويڙهہ ۾ بي مثال قربانيون ڏنيون آهن، پاڪستاني عوام جي حمايت سان آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين اها جنگ جاري رهندي آرمي چيف جنرل عاصم منير جو چوڻ آهي تہ پاڪستان بلاڪ پاليٽڪس ۽ يقين نہ ٿو رکي، دهشتگردي ٿنڪ ٽينڪس ۽ ميڊيا سان خصوصي ڳالهہ ٻولهہ دوران علائقائي، سلامتي ۽ بين الاقوامي دهشتگردي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

آرمي چيف جنرل عاصم منير آمريڪي ٿنڪ ٽينڪس ۽ ميڊيا سان ملاقات دوران ڳالهائيندي

تحريڪ انصاف جو اڳواڻ
شير افضل مروت لاهور ۾
نواز شريف سان مقابلو ڪندو

لاهور (م د) تحريڪ انصاف جو اڳواڻ شير افضل مروت لاهور ۾ نواز شريف سان مقابلو ڪندو. لطيف کوسا ن ليگ جا اڳواڻ اياز صادق سان مقابلو ڪندو نامياري صحافي معظم فخر جو چوڻ آهي تہ پي ٽي آءِ، فيصلو ڪيو آهي تہ ناميارو وڪيل سلمان اڪرم راجا ن ليگ جي سعد رفيق سان مقابلو ڪندو. جڏهن تہ صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اليڪشن ۾ دير نٿا چاهيون، تڪبندين جو معاملو چونڊن کانپوءِ ڏسنداسين: سپريم ڪورٽ

جيڪڏهن وقت معاملو ڏٺو تہ ڪيسن جي ٻوڏ اچي ويندي، جنهن سان چونڊ شيڊيول متاثر ٿيندو، سياسي ڪارڪن ۽ ووٽرن جا بنيادي حق متاثر ٿيندا ۽ اسان چونڊن ۾ دير نٿا چاهيون

آئين ۾ هڪ جج جو ڪردار جمهوريت ۽ آئين جي محافظ جو آهي، آزاد ۽ شفاف چونڊن سان ئي جمهوريت برقرار رهندي آهي، چونڊن بنا حڪومت ڪي جمهوري حڪومت نٿو چئي سگهجي

وقت تي آزاد ۽ شفاف چونڊون حقيقت ۾ آئيني جمهوريت آهي، چونڊن سان عوامي راءِ جو احترام ٿيندو آهي، قيادت عوام سامهون جوابده هوندي آهي

چونڊن ۾ دير يا چونڊن بابت ڪيسن ۾ دير سان چونڊ عمل ۽ جمهوري نظام تي عوامي اعتماد متاثر ٿيندو آهي، سياسي ماحول عدم استحڪام جو شڪار ٿيندو آهي

تڪبندين خلاف درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي تہ چونڊ شيڊيول متاثر ٿيندو، جيڪڏهن تڪبندين بابت درخواستون ٻڌيون تہ ڪيسن جي ٻوڏ اچي ويندو : جاري ڪيل فيصلي جو متن

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ تڪبندين خلاف ڪيسن جي ٻڌڻي کان انڪار ڪندي لکت فيصلي ۾ چيو آهي تہ جيڪڏهن هن وقت معاملو ڏٺو تہ ڪيسن جي ٻوڏ اچي ويندي، جنهن سان چونڊ شيڊيول متاثر ٿيندو سياسي ڪارڪن ۽ ووٽرن جا بنيادي حق متاثر ٿيندا ۽ اسان چونڊن ۾ دير نٿا چاهيون. سپريم ڪورٽ جي ٽن ججن جي بينچ جو فيصلو جسٽس منصور علي شاهہ لکيو آهي، جنهن ۾ چيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پشاور: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ ڪانووڪيشن تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

نواز شريف عام چونڊن لاءِ نامزدگي ڪاغذ حاصل ڪري ورتا

اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف اين اي 15 مانهسرا مان چونڊ وڙهندو : ڪيپٽن صفدر

نواز شريف مانسهرا مان ايم اين اي ٻڻجي چوٿون ڀيرو وزيراعظم بڻجندو

لاهور (م د) ن ليگ قائد نواز شريف نامزدگي ڪاغذ حاصل ڪري ورتا. هن مانسهرا مان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 15 لاءِ نامزدگي ڪاغذ حاصل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پارٽسري چنڊ تي پهچي ويا، اسان زمين تان نہ پيا اٿي سگهون: نواز شريف

جسٽس شوڪت ڪي چيو ويو تہ اسان ڪي ضمانت نہ ڏيڻي آهي

منهنجي جڳهہ تي اهڙي شخص کي آندو ويو جنهن اچي خوشحال ملڪ کي تباهہ ڪري ڇڏيو

لاهور: (م د) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جا اڳواڻ ۽ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف چيو آهي پارٽسري ملڪ چنڊ تي پهچي ويا پر اسان زمين تان نہ پيا اٿي سگهون. جسٽس شوڪت کي چيو ويو تہ اسان کي ضمانت نہ ڏيڻي آهي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

بجلي واهپيدارن لاءِ بُري خبر، سڄي ملڪ ۾ بجلي مهانگي

نيپرا سڄي ملڪ ۾ بجلي هڪ ڀيرو 15 پئسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

بجلي جي اڳهن ۾ واڌ پهرين ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪئي وئي

واهپيدارن کي واڌ وادايگيون جنوري کان مارچ 2024 تائين ڪرڻيون پونديون : نيپرا

اسلام آباد (م د) بجلي واهپيدارن لاءِ بري خبر آهي تہ سڄي ملڪ ۾ بجلي مهانگائي ڪئي وئي آهي. نيپرا سڄي ملڪ ۾ بجلي هڪ ڀيرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

عمران خان ٽن تڪن تان چونڊ وڙهندو: پي ٽي آءِ چيئرمين جو اعلان

ميانوالي، لاهور ۽ اسلام آباد جي تڪن مان ان جا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائيندا سين: بيرسٽر گوهر

اسان فري اينڊ فيئر چونڊون چاهيون ٿا، اسان جو ڪو اهڙو مطالبو ناهي تہ اليڪشن ڪمشنر استعيفيٰ ڏئي

جيڪڏهن 25 ڪروڙ عوام جي حقن تي ڌاڙو هنيو وڃي تہ چيف جسٽس کي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف چيئرمين بيرسٽر گوهر چيو آهي تہ پي ٽي آءِ باني عمران خان ٽن تڪن تان چونڊ وڙهندو، ميانوالي، لاهور ۽ اسلام آباد جي تڪن مان ان جا نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائيندا سين. صحافين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

بي اين اي جو ڪمانڊر 70 ساٿين سميت قومي وهڪري ۾ شامل

بي اين اي جو ڪمانڊر سرفراز بنگلزئي 70 ساٿين سميت قومي وهڪري ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

ڪجهہ ماڻهو پنهنجن ڪٺن مقصدن لاءِ بلوچ مائرن، ڀينرن ۽ نوجوانن کي رياست خلاف استعمال ڪري رهيا آهن : سرفراز بنگلزئي

پنهنجن ماڻهن ۽ سرزمين کان پري رهڻ کان بهتر آهي تہ پاڻ پنهنجي ڳالهہ کي دنيا تائين پهچايو ڇاڪاڻ تہ رياست هڻ جي آجيان ڪري

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي ٻنڌن پيل تنظيم بي اين اي جو ڪمانڊر سرفراز بنگلزئي 70 ساٿين سميت قومي وهڪري ۾ شامل ٿيڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي ايراني هم منصب سان فون تي ڳالهائي رهيو آهي

ڊي سي ڏکڻ جي عوام کي
خوشخبري، ڪراچي ۾ پهريون
عالمي ثقافتي ڪاڌن جو ميلو لڳندو

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ ڪراچي ڪيپٽن (ر) الطاف حسين ساريو ڪراچي ۾ ڪاڌن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پارٽ ۾ طوفاني برسات، 10 ڄڻا فوت

گذريل 2 ڏينهن کان رياست جي ڏاکڻين ضلعن ۾ شديد برسات رڪارڊ ڪئي وئي

ترونل ويلي ۽ ٻين ضلعن ۾ برسات دوران ڀتيون ڪرڻ ۽ ڪرنٽ لڳڻ جا واقعا بہ پيش آيا

نئين دهلي (م د) ڀارتي رياست تامل ناڊو ۾ طوفاني برساتون جاري آهن جنهن دوران حادثن ۾ 10 ڄڻا فوت ٿي ويا. ڀارتي ميڊيا موجب گذريل 2 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پارٽ ۾ ڇانهہ تان
جهيڙو، مڙس زال
جو ڳلو ڪپي ڇڏيو

ممبئي (م د) ڀارت ۾ زال مڙس وچ ۾ ڇانهہ ناهڻ تي جهيڙو ٿيو جنهن ۾ مڙس زال جو ڳلو ڪپي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪوئيٽا: بي اين اي جو ڪمانڊر 70 ساٿين سميت قومي وهڪري ۾ شامل ٿيڻ بعد بيٺل آهي

ڪراچي يونيورسٽي جي ڪي ايس پي پاليسي خلاف سنڌي شاگرد ستّ جو احتجاج

وي سي ۽ انتظاميا جي خاطرين باوجود سنڌي شاگردن جي رستا روڪ بند ناهي ٿي سگهي : سنڌي شاگرد ستّ

ڪراچي يونيورسٽي نالو اوپن ميرٽ جو ڏئي تي پر ميرٽ جو جنازو ڪڍيو ٿو وڃي

ڪراچي (م د) ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شاگرد ستّ طرفان ڪي ايس پي پاليسي خلاف ڪراچي پريس ڪلب سميت مختلف پريس ڪلبن تي احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. سنڌ شاگرد ستّ طرفان چيو ويو آهي تہ وي سي ۽ انتظاميا جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

لاهور هاءِ ڪورٽ جي نگران وزيراعظم کي هٽائڻ جي اپيل ٻڌڻ کان معذرت

جسٽس عابد عزيز شيخ جي سربراهي ۾ ٻہ رڪني بئنچ ٺاهي وئي

بئنچ ٻڌڻي کان معذرت ڪندي فائل ٻيهر چيف جسٽس لاهور هاءِ ڪورٽ کي موڪلي ڇڏيو

لاهور (م د) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ کي عهدي تان هٽائڻ لاءِ انٽرا ڪورٽ اپيل تي لاهور هاءِ ڪورٽ جي ٻہ رڪني بئنچ ٻڌڻي کان معذرت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

وڏي پئماني تي امپورٽڊ يوريا ڪراچي پهچي ويو، مافيا ۾ ترٿلو

امپورٽ ٿيل يوريا جي اچڻ سان ئي مارڪيٽ ۾ يوريا جا اگهہ گهٽجڻ شروع ٿي ويا

مجموعي طور تي 220,000 ٽن يوريا درآمد ڪئي ويندي

گذريل مهيني اي سي سي منظوري ڏني هئي، خريداري بين الحڪومتي معاهدي تحت ڪئي وئي

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ يوريا جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ 50 هزار ٽن درآمدي يوريا سان ڀريل جهاز ڪراچي بندرگاهہ پهچي ويو آهي. امپورٽ ٿيل يوريا جي اچڻ سان ئي مارڪيٽ ۾ يوريا جا اگهہ گهٽجڻ شروع ٿي ويا، جڏهن تہ يوريا جو ٻيو جهاز 29 ڊسمبر تي ڪراچي پهچندو، اميد آهي تہ سمورا جهاز 20 جنوري کان اڳ ڪراچي بندرگاهہ تي پهچي ويندا. مجموعي طور تي 220,000 ٽن يوريا درآمد ڪئي ويندي، جنهن جي گذريل مهيني اي سي سي منظوري ڏني هئي، جڏهن تہ اها خريداري بين الحڪومتي معاهدي تحت ڪئي وئي آهي. ياد رهي تہ مارڪيٽ ۾ يوريا جي کوٽ جو جواز ڄاڻائي بليڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: وڏي پئماني تي امپورٽڊ يوريا ڪراچي بندرگاهہ تي لاٿو پيو وڃي

نواز شريف چونڊن کان ڀڄڻ لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر تي حملا شروع ڪيا آهن: اعتزاز احسن

لندن ۾ طئي ٿيل منصوبي موجب اليڪشن ان ئي تاريخ تي ٿيندي جنهن تي نواز شريف چاهيندو

بار ايسوسيئيشنز ۽ ڪائونسلز نون ليگ جي اشاري تي چيف اليڪشن کي هٽائڻ جو مطالبو ڪيو آهي

چيف اليڪشن ڪمشنر خلاف مهم هلائڻ پنيان اعظم نذير تارڙ ۽ نواز شريف جو هٿ آهي

اسلام آباد: سينيئر قانوندان ۽ وڪيل اعتزاز احسن ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد (م د) سينيئر قانوندان ۽ وڪيل اعتزاز احسن الزام هنيو آهي تہ نون ليگ ۽ نواز شريف چونڊن کان ڀڄڻ لاءِ چيف اليڪشن ڪمشنر تي حملا شروع ڪري ڏنا آهن. لندن ۾ طئي ٿيل منصوبي موجب اليڪشن ان ئي تاريخ تي ٿيندي جنهن تي نواز شريف چاهيندو. بار ايسوسيئيشنز ۽ ڪائونسلز نون ليگ جي اشاري تي چيف اليڪشن کي هٽائڻ جو مطالبو ڪيو آهياسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اعتزاز احسن چيو تہ اليڪشن ڪميشن اعظم نذير تارڙ جي تڪ واري ضلعي حافظ آباد کي هڪ قومي سيٽ ڏني. ساڳي آبادي واري ضلعي جهلم کي 2 سيٽون ڏنيون ويونچيف اليڪشن ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

حڪومت مختلف سيونگ اسڪيمن جي منافعي ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏي

اسپيشل سيونگ سرٽيفڪيٽ جو منافعو 18 سيڪڙو مان گهٽائي 16.4 سيڪڙو ڪيو ويو

شارٽ ٽرم سيونگ سرٽيفڪيٽ جو منافعو 21.72 سيڪڙو مان گهٽائي 20.80 سيڪڙو ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) حڪومت مختلف سيونگ اسڪيمن جي منافعي ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏي. اسپيشل سيونگ سرٽيفڪيٽ جو منافعو 18 سيڪڙو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

شاداب خان پنجاب پوليس ۾ ڊي ايس پي بڻجي ويو

شاداب خان جي آءِ جي پنجاب ڊاڪٽر عثمان انور سان ملاقات ٿي

ملاقات دوران آل رائونڊر کي اعزازي ڊي ايس پي جا رينڪ بہ لڳايا ويا

لاهور (م د) پنجاب پوليس قومي ڪرڪيٽ ٽيم جي آل رائونڊر شاداب خان کي برينڊ ايمبيسيڊر مقرر ڪري ڇڏيو. شاداب خان جي آءِ جي پنجاب ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

لاهور: آل رائونڊر شاداب خان جي آءِ جي پنجاب ڊاڪٽر عثمان انور اعزازي ڊي ايس پي جا رينڪ لڳائيندي

جي يو آءِ پاران چونڊ شيڊول ۾ ترميم جو مطالبو

جي يو آءِ جي سينيٽر ڪامران مرتضيٰ چيف اليڪشن ڪمشنر کي خط لکي ڇڏيو

سپريم ڪورٽ جي حڪم تي اليڪشن ڪميشن طرفان عام چونڊن جو شيڊول جاري ڪيو ويو : خط جو متن

نامزدگي ڪاغذن جي وصولي لاءِ 3 ڏينهن جو اضافو ڪيو وڃي : سينيٽر ڪامران مرتضيٰ

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) اليڪشن ڪميشن کان چونڊ شيڊول ۾ ترميم جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي، جي يو آءِ جي سينيٽر ڪامران مرتضيٰ چيف اليڪشن ڪمشنر کي خط لکيو آهي جنهن ۾ اليڪشن ڪميشن کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

عام چونڊن لاءِ سمورين سياسي پارٽين کي ليول پليئنگ فيلڊ ڏيڻ جو حڪم

آئين ۽ قانون تحت سمورا ڊپٽي ڪمشنر غيرجانبداري جو مظاهرو ڪن : ترجمان

نگران وزيراعظم جي پرنسپل سيڪريٽري ۽ چئني صوبن جي چيف سيڪريٽرين کي خط لکيا ويا هئا

هڪ سياسي پارٽي ليول پليئنگ فيلڊ نہ ملڻ بابت اليڪشن ڪميشن آڏو خدشن جو اظهار ڪيو هو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اليڪشن ڪميشن عام چونڊن لاءِ سمورين سياسي پارٽين کي ليول پليئنگ فيلڊ ڏيڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا. ترجمان جو چوڻ آهي تہ آئين ۽ قانون تحت سمورا ڊپٽي ڪمشنر غيرجانبداري جو مظاهرو ڪن. اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۾ اضافي ڪيو وڃي: ايم ڪيو ايم

نامزدگي ڪاغذن جي لاءِ 20 کان 22 ڊسمبر تائين جو وقت ڏنو وڃي : ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي

نامزدگي ڪاغذن جون گهرجون ڏکيون هجڻ سبب تاريخ وڌائي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان بہ عام چونڊن جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۾ اضافي جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي چيف اليڪشن ڪمشنر کي درخواست ڏيندي ڪاغذ جمع ڪرائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

پاڪستان ريلويز طرفان پشاور کان ڪراچي لاءِ عوام ايڪسپريس ٽرين بحال

عوام ايڪسپريس ڪينٽ ريلوي اسٽيشن کان ڪراچي لاءِ رواني ڪئي وئي آهي : ريلوي اختياريون

ٽرين 360 مسافر کڻي 35 ڪلاڪن ۾ ڪراچي پهچندي، ڀاڙو 4 هزار رپيا مقرر ڪيو ويو

پشاور (م د) پاڪستان ريلويز طرفان پشاور کان ڪراچي لاءِ عوام ايڪسپريس ٽرين بحال ڪئي وئي. ريلوي اختيارين موجب عوام ايڪسپريس ڪينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

پيسا رکڻ تي 40 سيڪڙو حڪومت ڏيندي: بي آءِ ايس پي جي نئين اسڪيم

آءِ ايس پي بچت اسڪيم جو مقصد ماڻهن ۾ مالي خودمختياري ۽ بچت جي عادت پيدا ڪرڻ آهي : ڊاڪٽر امجد ثاقب

بي آءِ ايس پي جي بچت واري اسڪيم تحت 40 پي ايم ٽي اسڪور حاصل ڪندڙ خاندان ۽ فرد مستحق هوندا

اسلام آباد (م د) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام بين الاقوامي ترقياتي پارٽنرز جي ٽيڪنيڪل سهڪار سان "بي آءِ ايس پي سيونگ اسڪيم" شروع ڪري ڇڏي آهي. اسلام آباد ۾ منعقد ٿيل ان تقريب ۾ عالمي بئنڪ، ايشيائي ترقياتي بئنڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اٿارٽي غذائي کوٽ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪيترائي قدم کڻي پئي: آغا فخر

فوڊ سسٽم ڊيش بورڊ ڪيترن ئي ذريعن کان ڊيٽا گڏ ڪري فوڊ سسٽم جو مڪمل نظام پيش ڪري ٿو

اسٽيڪ هولڊرز چيلينجز جي نشاندهي جي باري ۾، غذائيت، صحت ۽ ماحولياتي نتيجن کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدمن جي نشاندهي ڪري سگهندا

غذائيت جي کوٽ ۽ خوراڪ عدم تحفظ گهٽ ترقي يافتہ ملڪن جو وڏو مسئلو آهي : ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي پاران ورڪشاپ کي خطاب

اسلام آباد: جسٽس اطهر من الله سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين مقامي هوٽل ۾ منعقد ورڪشاپ ۾ مهمان خاص جي حيثيت سان شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسٽيبلشمينٽ جي 8
فيبروري تي چونڊن کان
ڀاڄ، آمريڪا کي مڃائڻ لاءِ جتن

اسلام آباد (م د) پنجاب ۾ اسٽيبلشمينٽ ۽ پي ٽي آءِ وچ ۾ لڪ لڪوٽي جاري آهي. فوجي اسٽيبلشمينٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

آمريڪي ڊالر جي اگهہ ۾ لاٿ جو سلسلو جاري

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 11 پئسا سستو ٿيڻ کانپوءِ 282 رپين 90 پئسن جو ٿي ويو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 25 پئسا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 284 رپين 50 پئسن جو آهي

ڪراچي (م د) پاڪستان رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر وڌيڪ سستو ٿي ويو. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان جاري ڪيل انگن اکرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پيپلزپارٽي جي اڳوڻي ايم اين اي محمد خان جوڻيجو جو جي ڊي اي ۾ شموليت جو اعلان

محمد خان جوڻيجو ڪنگري هائوس ڪراچي ۾ پير پاڳاري سان ملاقات بعد جي ڊي اي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو

محمد خان جوڻيجو سانگهڙ جي قومي تڪ اين اي 209 تان جي ڊي اي جي ٽڪيٽ تي اليڪشن وڙهندو : ذريعا

ڪراچي (م د) سانگهڙ سان تعلق رکندڙ پيپلزپارٽي جي اڳوڻي ايم اين اي محمد خان جوڻيجو پاران جي ڊي اي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڊي جي پي آر سنڌ محمد سليم خان اطلاعات کاتي جي مختلف ڊائريڪٽوريٽس جو دورو

آفيسر ۽ اهلڪار وقت جي پابندي ۽ ذميواري سان ڪم ڪن: محمد سليم خان

اطلاعات کاتي جو ڪم اهو آهي تہ هو عوام کي سنڌ حڪومت جي سمورن منصوبن بابت ميڊيا ذريعي آگاهي ڏئي

ڊي جي پي آر سنڌ آفيسرن ۽ عملي کان آفيس جي معاملن بابت پڇا ڪئي ۽ موقعي تي ضروري هدايتون جاري ڪيون

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز (ڊي جي پي آر سنڌ) محمد سليم خان اڄ اطلاعات کاتي جي مختلف ڊائريڪٽوريٽ جو دورو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: ڊي جي پي آر سنڌ محمد سليم خان اطلاعات کاتي جي مختلف ڊائريڪٽوريٽس جو دورو ڪري رهيو آهي

رڪاوٽن، سختين، ڪيسن
باوجود بلوچن جي لانگ مارچ
جي تونسا ۾ تاريخي آجيان

ڊيرا غازي خان (م د) تربت ۾ بالاچ بلوچ جي شهادت، گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي ۽ عدالت کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

نامزدگي فارم: ذوالفقار مرزا جي فيملي جي 12 ڄڻن فارم وصول ڪري ورتا

ذوالفقار مرزا، ڊاڪٽر فهميدا مرزا ۽ حسنين مرزا سميت مرزا فيملي پاران 12 فارم ورتا ويا

ٻ ٻ ضلعي بدين جي اڳواڻ سائين بخش جمالي جي پاڻ ۽ آباد گار اڳواڻ شاهنواز خان جمالي بہ نامزدگي فارم وصول ڪيا

ڪراچي (م د) عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ اميدوارن پاران نامزدگي ڪاغذ وصول ڪرڻ ۽ جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري آهي تندو باگو جي صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

نگران وڏي وزير مقبول باقر پاران اسلام ڪوٽ ۾ اسڪول ۽ اسپتال جا دورا

نگران وڏي وزير هائير سيڪنڊري اسڪول جي دوري دوران شاگردن کان انگريزي ۾ مختلف سوال ڪيا

آئون شاگردن جي قابليت ۽ استادن جي پڙهائي مان مطمئن نہ آهيان : مقبول باقر

اسلام ڪوٽ (رپورٽر) نگران وڏي وزير مقبول باقر پاران اسلام ڪوٽ ۾ اسڪول ۽ اسپتال جا دورا. نگران وڏي وزير هائير سيڪنڊري اسڪول جي دوري دوران شاگردن کان انگريزي ۾ مختلف سوال ڪيا نگران وڏي وزير جو چوڻ هو تہ آئون شاگردن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

سرڪاري رهائش گاهن جي مرمتي رٿائن ۾ ڪروڙين رپين جو غبن

ورڪس اينڊ سروس کاتي جي انجنيئرن 21 جعلي ورڪ آرڊرن تي وڏي رقم ڪڍرائي ورتي

سرڪاري گهرن جي مرمتي ڪم ڪرائڻ جو جواز ڄاڻائي 21 جعلي ورڪ آرڊرن ذريعي رقم ڪڍرائي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ورڪس کاتي ۾ اعليٰ سرڪاري اختيارين جي رهائش گاهن تي مرمتي ڪمن واري منصوبن ۾ مبينا طور جعلي ورڪ آرڊرن تي ڪروڙين روپين جي غبن جو انڪشاف ٿيو آهي. تفصيل موجب ورڪس اينڊ سروس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

نگران وڏي وزير پاران اسلام ڪوٽ جي مختلف ادارن جو اوچتو دورو، انتظاميا ۾ ٽرٽلو

اسڪول، اسپتال ۾ سهولتن ۽ عملي جي ڪوٽ، آر او پلانٽ بند هجڻ ۽ صفائي جي ناقص انتظامن تي ڪاوڙ جو اظهار

نگران وڏي وزير رورل هيلٿ سينٽر اسلام ڪوٽ جو دورو ڪيو جتي هن ميل وارڊ سميت ايمرجنسي وارڊ جو دورو ڪيو

اسڪول ۾ شاگرد تمام گهٽا آهن پر استادن جي ڪوٽ سبب ٻارن جو نقصان ٿي رهيو آهي : نگران وڏو وزير

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس رمقبول باقر جو اسلام ڪوٽ جي مختلف ادارن جو اوچتو دورو، انتظاميا ۾ ٽرٽلو، اسڪول، اسپتال ۾ سهولتن ۽ عملي جي ڪوٽ، آر او پلانٽ بند هجڻ ۽ شهر ۾ صفائي جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

اسلام ڪوٽ : نگران وڏو وزير دوري دوران ڳالهائي رهيو آهي

پڊعيدن ۾ سان گورنمينٽ بوائز هائير
سيڪنڊري اسڪول بنيادي سهولتن
کان محروم، اختياريون خاموش

پڊعيدن (رپورٽر) پڊعيدن ۾ گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول بنيادي سهولتن کان محروم، خبر موجب پڊعيدن گورنمنٽ (بوائز) هائير سيڪنڊري اسڪول بنيادي سهولتن کان محروم 1964 کان قائم هن اسڪول ۾ 1600 کان وڌيڪ شاگرد تعليم پرائي رهيا آهن. هن اسڪول ۾ بنيادي سهولتون بلڊنگ، جوديواري، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

خانگڙهه ۾ اميدوارن پاران نامزدگي فارم وصول ۽ جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري

جي يو آءِ جي ضلعي امير مولانا اسحاق لغاري، حبيب الله عرف عبدالمجيد خان گبول ۽ ٻين فارم جمع ڪرايا

پي ٽي آءِ جي عبدالرزاق گڏاڻي، آزاد اميدوار عبدالله گڏاڻي سميت ٻين اميدوارن نامزدگي فارم وصول ڪري ورتا

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر عام چونڊن جي سلسلي ۾ صوبائي اسيمبلي پي ايس 20 خانگڙهه تڪ تي اميدوارن پاران نامزدگي فارم وصول ۽ جمع ڪرائڻ جو سلسلو جاري، مختلف پارٽين توڙي آزاد اميدوارن فارم وصول ڪيا، خبر موجب ملڪ ۾ عام چونڊن جي سلسلي ۾ نامزدگي فارم وصول ڪرڻ جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ خانپورمهر ۾ قائم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيا، احتجاج جاري

شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي 4 مهينن کان وڌيڪ عرصو ٿيڻ باوجود گرفتار نه ڪيو ويو

صحافي جي وڇوڙي کي 4 مهينن کان وڌيڪ جو عرصو گذري ويو آهي پر قاتلن ٻيلن ۾ بااثر ماڻهن وٽ محفوظ آهن : اڳواڻ

جيستائين قاتلن کي زنده حالت ۾ قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي 4 مهينن کان وڌيڪ عرصو ٿيڻ باوجود گرفتار نه ڪيو ويو، قاتل حڪمرانن ۽ پوليس جي خاطرين سميت عدالتي حڪمن کان پوءِ به سوگهيا نه ٿيا صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، سکر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سکر : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

پريپور طريقي سان اليڪشن
وڙهڻ جي تياري ڪري ورتي
آهي : شاهد حسين سولنگي

دادو (رپورٽر) متحده قومي موومنٽ پاڪستان پاران صوبائي اسيمبلي تڪ 80 دادو تي اميدوار شاهد حسين سولنگي ۽ قومي اسيمبلي 228 دادو جوهي تي ايڊووڪيٽ عبدالمجيد چهواڻ کي ٽڪيٽ ڏني وئي، نمائندن چيو ته پنهنجي پوري قيادت برادرين ۽ دادو جي عوام تي اعتماد ڪندي پريپور طريقي سان اليڪشن لڙڻ جي تياري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهرو فيروز ۾ اليڪشن 2024 جو شيڊول ايندي چونڊ اليڪشن عمل شروع

ضلعي جي ٻن قومي ۽ 4 صوبائي سيٽن لاءِ فارم وٺڻ جو سلسلو جاري، 60 کان وڌيڪ آزاد ۽ پارٽي اميدوارن فارم ورتا

وننڊڙ پيپلزپارٽي اميدوار ۾ ايڪس ايم پي اي ممتاز، سردار عثمان عالماڻي، منيراحمد مبيجو ۽ ٻيا پڻ شامل

مسلم ليگ ن سيد اصغر علي شاهه، ڊاڪٽر ستار راڄپر جي ڏي اڳواڻ، شڪيل جلباڻي مسلم ن ۽ ٻيا شامل

نوشهرو فيروز (ڊ ر) ايندڙ عام چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ نوشهرو فيروز ضلعي ۾ مختلف سياستدانن پاران نامزدگي فارم وٺڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. رٽرننگ آفيسن مان هن وقت تائين قومي اسيمبلي ۽ صوبائي تڪن لاءِ 203 نامزدگي فارم ورتا ويا آهن. جنهن مطابق اين اي 205 لاءِ 10 ۽ اين اي 206 لاءِ 20 نامزدگي فارم ورتا ويا. صوبائي تڪ پي ايس 32 تي 55، پي ايس 33 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

راڻيپور ۾ صحافي اتحاد خيرپور پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

صحافي شهيد جان محمد مهر ۽ احمد پور جي صحافي شهيد اصغر کنڊ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو ويو

22 صحافين مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ خلاف راڻيپور کان سچل سرمست تائين پيادل مارچ ڪري ڌرڻو هنيو ويو

افسوس اينرو وقت گذرڻ باوجود هڪ به قاتل گرفتار نه ٿي سگهيو آهي، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي : مظاهرين

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور ۾ صحافي اتحاد خيرپور پاران سکر جي صحافي شهيد جان محمد مهر ۽ احمد پور جي صحافي شهيد اصغر کنڊ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ هنگورجا پوليس پاران هنگورجا ۾ آبادگارن ڌرڙٽي جي ڪوريج ڪرڻ تي ڪاوڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

راڻيپور : صحافي اتحاد پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪيبر پرسان ڊپٽي رينجر مير
حسن شاهه جي فرزند تي حملو،
معجزاتي طور محفوظ

نيوسعيدآباد (رپورٽر) ڪيبر نيشنل هائي وي تي ڪيبر اسٽاپ ويجهو ڪالهه شام جي وقت ٻيلي ڪاتي جي "ڊپٽي رينجر مير حسن شاهه جي فرزند سيد علي محمد شاهه تي نامعلوم ماڻهن پاران قاتلاڻو حملو ڪيو ويو هو پاڻ معجزاتا طور محفوظ رهيو هو ۽ سنڌس ڪرولا ڪار جا شيشا ٽوڙيا ويا سيد علي محمد شاهه ڪيبر اسٽاف تي موبائيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

لاڙڪاڻي ۾ ديني مدرسن جي مستقبل، مشڪلاتن، امڪانن ۽ حل بابت ورڪشاپ

ملڪ جا معاشي مسئلا پاڪستان جي ترقي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهن جنهن سبب ملڪ جي معيشت تباهه ٿي چڪي آهي : اڳواڻ

خراب حڪمراني، بي ربط عدالتي نظام، فرسوده قانون، ٽيڪس جو پيچيده نظام ۽ شفافيت جو فقدان شامل آهن

مهانگائي تقريبن 75 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي، عام ماڻهن جي لاءِ برداشت جوڳو ناهي ته ٻئي طرف عوام ۾ بيچيني به وڌي وئي آهي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام پاران ديني مدرسن جي مستقبل، مشڪلاتن، امڪانن ۽ حل بابت ورڪشاپ جامعه اسلاميه لاڙڪاڻي ۾ ڪوٺايو ويو. جنهن ۾ خاص مهمان ڪراچي يونيورسٽي جي اسسٽنٽ پروفيسر حضرت مولانا ڊاڪٽر محمد اسحاق عالم، جامعه جي مهتمم مولانا ناصر محمود سومرو، نظام تعليمات مولانا ڊاڪٽر محمد علي فاروقي سميت جامعه اسلاميه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دولتپور پرسان ڳوٺ فتح محمد پٽوجا رهواسي پريس ڪلب پهتا، احتجاج

منهنجي سالن منهنجي زرعي زمين تي قبضو ڪري منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي : محمد حنيف

پنهنجي زمين تي ويس ته انهن موڻ مٿان قاتلاڻو حملو ڪري زمين تان واپس ڪري ڇڏيو

زرعي زمين جو قبضو ختم ڪرائي اسان کي انهن مان جان جو خطرو آهي انهن کان آسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

دولتپور صفن (رپورٽر) دولتپور پرسان ڳوٺ فتح محمد پٽوجي رهو اسين محمد حنيف عرف ڪندو ولد بادل خان پٽو ۽ محمد زمان پٽو، نيشنل پريس ڪلب دولت پور پهچي پنهنجي سالن علي نواز پٽوفتح محمد پٽو اسماعيل ولد حاجي واحد ۽ ٻين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته منهنجي سالن منهنجي زرعي زمين تي قبضو ڪري منهنجو جيئڻ جنجال ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دولتپور صفن : ڳوٺ محمد پٽوجا رهواسي پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

فرسٽ سول جج جوڊيشل مئجسٽريٽ مورو
شفقت حسين ڇڇڻ پاران مورو شهر وڏندڙ
حدخلين جي آزار جو ازخود نوٽيس وٺي ڇڏيو

نوشهرو فيروز (ڊ ر) فرسٽ سول جج جوڊيشل مئجسٽريٽ مورو شفقت حسين ڇڇڻ پاران مورو شهر وڏندڙ حدخلين جي آزار جو ازخود نوٽيس وٺندي اسٽنٽ ڪمشنر مورو انچارج اينٽي انڪروچمينٽ سي ايم او پوليس ٽرئفڪ انچارج ڊي ايس پي ۽ ايس ايچ او مورو کي هڪ حڪم جاري ڪندي ٽن ڏينهن ۾ شهر مان مڪمل حدخلين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

مٽياري ۾ عام چونڊن جون سرگرميون تيز، اميدوارن فارم حاصل ڪري ورتا

ضلعي ۾ 4 لک 17 هزار 629 ووٽرجن ۾ 2 لک 21 هزار 177 مرد ۽ هڪ لک 96 هزار 452 عورتون شامل

تڪ اين اي 216 ۽ ٻن صوبائي تڪن پي ايس 56 ۽ پي ايس 57 تي پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندي پنهنجا نمائندا چونڊيندا

ضلعي اليڪشن آفيسر مسعود قريشي مطابق عام چونڊن دوران ڊيوٽي سرانجام ڏيڻ لاءِ 5 هزار سرڪاري ملازمن جي ڊيٽا بينڪ قائم

مٽياري (رپورٽر) مٽياري ضلعي ۾ عام چونڊن 2024 جون سرگرميون شروع، ضلعي ۾ 4 لک 17 هزار 629 ووٽرجن ۾ 2 لک 21 هزار 177 مرد ۽ هڪ لک 96 هزار 452 عورتون شامل آهن. هڪ قومي تڪ اين اي 216 ۽ ٻن صوبائي تڪن پي ايس 56 ۽ پي ايس 57 تي پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪندي پنهنجا نمائندا چونڊيندا. ڊپٽي ڪمشنر/ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سڳيون ۾ بزرگ حضرت دائود شاهه عرف دادلي سرڪار جو عرس جاري

ميلي دوران ميلي ۾ ملهه جي ملاکڙي لاءِ گرائونڊ تي ملهن جا وڏا مقابلا ٿيندا

ميلي ۾ چڙيا گهر، ميجڪ شو سميت ٻيا عوام جي ڌسڻ جو مرڪز رهيا

سڳيون (رپورٽر) سڳيون پرسان سنڌ جي صوفي بزرگ حضرت دائود شاهه عرف دادلي سرڪار جو چٺ ڏينهن وارو 78 هون عرس مبارڪ اڄ کان وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو پيو وڃي ميلي ۾ صوفيائي راڳ جون محفلون مچنديون جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪراچي ۾ لسپيلي ۽ باقراڻي جي پريمي جوڙي پيار پرڻو ڪري ڇڏيو

اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، نئين پرڻيل جوڙي جون صحافين اڳيان داتهون

مائٽ مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، اسان جي جان کي خطرو آهي

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر) لسپيلي ۽ باقراڻي جي پريمي جوڙي ڪراچي سٽي ڪورٽ ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو، پنهنجي مرضي سان مذهب تبديل ڪري پيار جو پرڻو ڪيو آهي، مائٽ مارڻ چاهين ٿا، تحفظ فراهم ڪيو وڃي، نئين پرڻيل جوڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪراچي : پيار پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

ٽنڊوباگو ۾ اليڪشن لاءِ نامزدگي فارم وصول ڪرڻ وارو عمل شروع

نامزدگي فارم وصول ڪندڙن ۾ پيپلزپارٽي، جي ڊي اي، مذهبي پارٽين سميت آزاد اميدوار شامل

آزاد طور تي ارباب محمد عالم، ارباب انعام الله، علي اڪبر ليل، ساجد علي ڪوسو ۽ ٻيا شامل

ٽنڊوباگو (رپورٽ رفاقت جروار) ٽنڊوباگو جي صوبائي اسيمبلي پي ايس 70 تڪ تي 8 فيبروري تي ٿيندڙ اليڪشن لاءِ نامزدگي فارم وصول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نيو سعيدآباد ۾ اوٺا ۽ پيرزاده برادري ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو

پيرولي الله شاهه راشدي، سيد اصغر شاهه شفيع محمد ميمڻ، حاجي عبدالوارث ميمڻ جي سرپرستي ۾ ٿي گذريو

هاڻي اڳتي فيصلي ڪانپوءِ اڳتي لاڪنهن به در اڳرائي ڪئي ته ڏنڊ وڏو ويندو : اڳواڻ

نيو سعيدآباد (رپورٽر) نيو سعيدآباد ۾ اوٺا برادري ۽ پيرزاده برادري جو پاڻ ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو، پيرولي الله شاهه راشدي، سيد اصغر شاهه شفيع محمد ميمڻ، حاجي عبدالوارث ميمڻ جي سرپرستي ۾ ٿي گذريو فيصلي ۾ پنهنجي ڌرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

هن وقت دنيا ڏاڍي فاسٽ ٿي چڪي آهي : غلام مرتضيٰ گهانگهرو ۽ ٻيا

نوجوانن کي وڌ کان تعليم تي توجهه ڏئي پنهنجي روشن مستقبل بابت سوچڻ گهرجي

پروفيسر تاج لاشاري پنهنجي سڄي ڄمار تعليم جي سڌارن واڌارن کي ڏني آهي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلو) ڄونا ٻنا گهانگهرا هائوس تي سياسي سماجي اڳواڻ وائس چيئرمين غلام مرتضيٰ گهانگهرو، عبدلباسط /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر : تقريب دوران اڳواڻن جو ورتل گروپ فوٽو

سکر جي سينٽ ميري اسڪول ۾ ڪرسمس جي تقريب

پاڪستان ۾ سيني اقليتن کي مڪمل مذهبي آزادي حاصل آهي : ڪميل حيدر شاهه

پيپلزپارٽي به مذهبن جو احترام ڪري ٿي ۽ هر فورم تي اقليتن جي ڀرپور حمايت ڪري ٿي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه سينٽ ميري اسڪول ۾ ڪرسمس جي تقريب ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪرسمس جو ڪيڪ ڪاٽڻ بعد مسيحي برادري کي ڪرسمس جون واڌايون ڏنيون، تقريب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

اسسٽنٽ ڪمشنر نوشهروفيروز پاران ياڻ جي دڪانن تي ڇاپا

اسسٽنٽ ڪمشنر پاران مهانگي اگهه تي وڪرو ڪندڙ هڪ دوڪان کي سيل ڪيو ويو

دڪاندار مقرر اگهه تي ياڻ وڪرو ڪن، ٻي صورت ۾ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي : اي سي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز محمد ارسلان سليم جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر نوشهروفيروز علي شان پورياڻ جي مهانگي اگهه تي وڪرو ڪندڙ دڪاندارن ۽ ڊيلرز تي ڇاپا هنيا، مهانگي اگهه تي وڪرو ڪندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز : اسسٽنٽ ڪمشنر ڇاپن دوران ياڇا ڳاڇا ڪري رهيو آهي

خير پور ضلعو صحافين لاءِ عذاب گهر بڻجي ويو

صحافي وحيد چامڙو گهر واپس ايندي رستي مان گم ٿي ويو

ٻه ڏينهن گذري ويا پر صحافي جو ڪوئي ڏس پتو نه ملي سگهيو

راڻيپور (رپورٽر) خير پور ضلعو صحافين لاءِ عذاب گهر بڻجي ويو، هنگورجا ۾ 22 صحافين تي ڪيس داخل ٿيڻ کان بعد ۾ صحافين سان پيو ظلم جو داستان سامهون اچي ويو، سٽي پريس ڪلب ڪنب جو نائب صدر صحافي وحيد چامڙو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

لاڙڪاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن پاران احتجاج

بار ايسوسيئيشن جي ساليانا اليڪشن جو شيڊول احتجاج ڪرڻ کان بغير جاري ناهي ڪيو ويندو : مظاهرين

اليڪشن 2024 جو شيڊول جاري ڪري وڪيلن کي پنهنجو جمهوري ۽ قانوني حق ڏنو وڃي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي وڪيلن پاران ساليانا چونڊن جو شيڊول جاري نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو جتي هنن سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي بار جي ميمبرن وڪيلن ايڊوڪيٽ ظفر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٽنڊو محمد خان ۾ رٽرننگ ۽ اسسٽنٽ رٽرننگ آفيسرن حلف کڻي ورتو

ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر ڊپٽي ڪمشنر ڏرمون ڀاواڻي سمورن عملدارن کي حلف کڻايو

صاف شفاف ۽ غير جانبدارانه چونڊون ڪرائڻ اسان جي اولين فرضن ۾ شمار ٿئي ٿو : ڏرمون ڀاواڻي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ڏرمون ڀاواڻي پاران عام چونڊن 2024 لاءِ مقرر ڪيل رٽرننگ ۽ اسسٽنٽ رٽرننگ آفيسرن کي پنهنجي آفيس ۾ حلف کڻايو. تفصيلات مطابق ضلعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان : ڊسٽرڪٽ رٽرننگ آفيسر حلف کڻائي رهيو آهي

دادو جي تعليمي معيار سڄي ضلعي جي اسڪولن کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو

هائير سيڪنڊري اسڪول جي ڇهڻ هوشيار شاگردن چيناپيٽي امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪري ضلعي جي اسڪولن کي مات ڏئي ڇڏي

سنڌ حڪومت جي تعاون سان هلندڙ فلاحي اداري (اين جي وي) پاران هوشيار شاگردن کي اسڪالرشپ ڏني وئي

استادن جي محنتن ۽ جفاڪشين تي سندن واکاڻ ۽ همت افزائي ڪن ته جيئن استادن جا حوصلا وڌيڪ بلند ٿين : اڳواڻ

دادو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دادو جي تعليمي معيار سڄي ضلعي جي اسڪولن کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو...!! هائير سيڪنڊري اسڪول دادو جي ڇهڻ هوشيار شاگردن چيناپيٽي امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪري سڄي ضلعي جي اسڪولن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو : تقريب کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

سنڌ مان افغانين کي نيڪالي ڏيڻ
خلاف شيما ڪرماڻي جي پٽيشن سنڌ
هائي ڪورٽ خارج ڪري ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ مان افغانين کي نيڪالي ڏيڻ خلاف شيما ڪرماڻي جي پٽيشن سنڌ هائي ڪورٽ خارج ڪري ڇڏي، قومپرست اڳواڻ ممتاز بروهي سنڌ طرفان ڌر ٿي پيش ٿيو تفصيل موجب ڪراچي سنڌ هائي ڪورٽ ۾ آئيني درخواست 5432 شيما ڪرماڻي طرفان داخل ڪيل ته سنڌ مان افغانين کي نه ڪڍيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي مان گم ٿيل نوجوان نوجوان ساجد علي عالماڻي جو سڙيل لاش هٿ

پوليس اطلاع ڪري ٻڌايو ته نامعلوم لاش هٿ آيو آهي جنهن تي وارثن اچي سڃاڻپ ڪئي

نوجوان ساجد علي عالماڻي طور 16 ڊسمبر جو گهران نڪرڻ کان پوءِ گم ٿي ويو هو

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر پهنور) فقيرا ڳوٺ جو رهواسي نوجوان ساجد علي عالماڻي 5 ڏينهن اڳ گهران نڪري گم ٿيڻ کان پوءِ ڪله ان جو سڙيل لاش گلشن معمار ٿاڻي جي حد مان برآمد، پوليس اطلاع ڪري ٻڌايو ته نامعلوم لاش هٿ آيو آهي سڃاڻپ ڪيو، وارثن سڙيل لاش جو سڃاڻپ ساجد علي عالماڻي طور ڪيو جيڪو 16 ڊسمبر جو گهران نڪرڻ کان پوءِ گم ٿي ويو هو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

مٽياڻي پرسان سولنگي برادري پاران پوليس جي ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

فريدديرو پوليس ڪوڙو الزام ڊاڪٽر اعجاز سولنگي جي مٿان لڳائي ڪوڙي FIR داخل ڪئي آهي : مظاهرين

اهلڪارن پاران گهر تي چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي گهر ۾ ڪاهه ڪري عورتن سان بدتميزي ڪري تشدد ڪيو ويو

نوٽيس وٺي ملوث عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري ڊاڪٽر اعجاز سولنگي تان ڪوڙي ايف آئي آر ختم ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مٽياڻي پرسان فريدديرو ٿاڻي آڏو سولنگي برادري جو پوليس جي ناجائزين ۽ چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪرڻ خلاف مردن ۽ عورتن جو احتجاجي مظاهرو، ٿاڻرن کي باهيون، احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي شير محمد، محمد عمر، وقار ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي اڳواڻن پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪندي ڏانهيندي چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ پراڻه جتوئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز : سولنگي برادري جا ماڻهو احتجاج ڪري رهيا آهن

نوشهروفيروز پرسان بااثرن زمين
تي قبضو ڪري ڪڻڪ جي فصل
جي پوکائي بند ڪرائي ڇڏي

نوشهروفيروز (ڊ ر) ديهه نئرڏيتا ۾ بااثر ماڻهن 15 ايڪڙ زرعي زمين تي قبضو ڪري ڪڻڪ جي فصل جي پوکائي بند ڪرائي ڇڏي آهي. اهڙو بيان ميڊيا کي ڏيندي انتظار حسين راجپوت ٻڌائيندي چيو ته ديهه نئرڏيتا ۾ منهنجي والد اسلام الدين راجپوت جي نالي زرعي زمين آهي جيڪي مري برادري جي بااثر ماڻهن صيفل مري، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو محمد خان ۾ پوليس جي وڏي ڪارروائي، 7 موٽر سائيڪلون برآمد

اهلڪارن ڪارروائي ڪندي موٽر سائيڪلون چوري ڪندڙ هڪ جوابدار عيدو قبول ٻڙدي کي گرفتار ڪري ورتو

2 جوابدار نظير ملاح ۽ رزاق ٻڙدي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، سماجي برائين کي روڪڻ لاءِ ڪاروائين جو سلسلو جاري

موٽر سائيڪل چورين ڪندڙ هڪ جوابدار عيدو قبول ٻڙدي کي گرفتار ڪيو ويو، 2 جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) ٽنڊو محمد خان ۾ پوليس جي وڏي ڪارروائي، 7 موٽر سائيڪلون برآمد، هڪ جوابدار گرفتار. ٽنڊو محمد خان بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس اهلڪارن مليل اطلاع تي چٽنل موري وٽ ڪارروائي ڪندي موٽر سائيڪلون چوري ڪندڙ هڪ جوابدار عيدو قبول ٻڙدي کي گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته 2 جوابدار نظير ملاح ۽ رزاق ٻڙدي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

قاضي احمد ۾ ايڪتا ثقافتي ڏهاڙي بابت ڪلچر ڊي جي هڪ شاندار پروقار تقريب

سموري اسڪول جا شاگرد، شاگردياڻيون استاد ۽ مهمان سنڌي ٽوپيون، بوسڪي جي پٽڪن لنگين ۽ اجرڪن ۽ ثقافتي ويس وڳا پائي شرڪت

سنڌ جي سرزمين صوفين جي ڌرتي آهي هي امن، محبت ۽ پيار جي ڌرتي آهي اسان جي ثقافت انڊلٽ جي رنگن جهڙي آهي : اڳواڻ

اسان سنڌي سنڌ جا رهاڪو آهيون شاگرد توڙي شاگردياڻين کي وڌ ۾ وڌ تعليم پرائي ڌرتي ماءُ سان محبت پيار جو وچن ڪرڻ گهرجي

نواب ولي محمد (رپورٽر) گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول قاضي احمد ۾ ايڪتا ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان ڪلچر ڊي جي هڪ شاندار پروقار تقريب ٿي گذري جنهن ۾ سموري اسڪول جا شاگرد، شاگردياڻيون استاد ۽ مهمان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نواب ولي محمد : ثقافتي تقريب دوران ورتل فوٽو

نوشهروفيروز ۾ حضرت بيبي
فاطمه زهره سلام الله عليه جي
شهادت سلسلي ۾ مجلس عزا

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پريارود انجمن دعاءِ زهره پاران فوجي بخش علي هيسباڻي ڊاڪٽر خادم حسين منگي جي تعاون سان دختر رسول زوجه حضرت امام علي المرتضيٰ حضرت بيبي فاطمه زهره سلام الله عليه جي شهادت سلسلي ۾ امام بارگاه امام حسن مجتبيٰ ۾ مجلس عزا منعقد ڪئي وئي مجلس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سکر مان اغوا ٿيل معصوم نياڻي پريا ڪماري سميت ٻين جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

سنڌ مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاج 78 هين ۾ داخل ٿي ويو، گهرن ۾ ڪهرام متل

78 ڏينهن ٿي ويا پر افسوس جو ڪنهن حڪومتي نمائندي يا ڪنهن اداري نوٽيس ورتو آهي : مظاهرين

اسان راڻيپور کان مغوين جي بازيابي لاءِ مسلسل ڏينهن رات واري جدوجهد شروع ڪئي، انصاف ڏياريو وڃي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي علائقي سنگرار مان اغوا ٿيل معصوم نياڻي پريا ڪماري، نوجوان علي اصغر منگريو سميت سنڌ مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاج 78 هين ۾ داخل ٿي ويو آهي ان باوجود سنڌ سرڪار يا پوليس مغوين جي بازيابي لاءِ ڪو ڪردار ادا نه ڪيو آهي احتجاجي ڪئمپ تي سکر جي نوجوان حبيب الله انصاري اچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪورنگي : محبان پاڪستان فائونڊيشن جي زير اهتمام شهيد پاڪستان ڪانفرنس منعقد

1971ع ۾ مڪتي باهني پاران متحده پاڪستان جي حمايتين جي نسل ڪشي جا پاڪستاني فورسز تي الزام ڪوڙا آهن : اڳواڻ

محصورن جي وطن واپسي ۾ غفلت افسوسناڪ آهي بهارين تي لڳل زخم 52 سالن کانپوءِ به ڀرجي نه سگهيا آهن

اوڀر پاڪستان جو سانحو انساني تاريخ جو اهو الميو آهي، قاتلن مظلومن کي چادر اوڍي دنيا جي اکين مٽي وجهڻ جي ڪوشش ڪئي

ڪورنگي (رپورٽر) محبان پاڪستان فائونڊيشن جي زير اهتمام مرڪزي شهيد پاڪستان ڪانفرنس منعقد ڪيو ويو، 1971ع ۾ مڪتي باهني پاران متحده پاڪستان جي حمايتين جي نسل ڪشي جا پاڪستاني فورسز تي الزام ڪوڙا آهن، محصورن جي وطن واپسي ۾ غفلت افسوسناڪ آهي بهارين تي لڳل زخم 52 سالن کانپوءِ به ڀرجي نه سگهيا آهن. تفصيل موجب مشرقي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪورنگي : ڪانفرنس کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

سکر ۾ عام چونڊن
2024 لاءِ چونڊ
عمل شروع ٿي ويو

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ عام چونڊن 2024 لاءِ چونڊ عمل شروع ٿي ويو، ان سلسلي ۾ سڄي ملڪ وانگر سنڌ جي ٽئين وڏي شهر سکر ۾ به عام چونڊن 2024ع لاءِ چونڊ عمل شروع ٿي ويو آهي جڏهن ته جئي يو آئي جي اميدوار ايڊوڪيٽ سڪندر علي جوڻيجو پاران اين اي 200 ۽ پي ايس 24 تي فارم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٺٽي ۾ ايجوڪيشن ورڪس ڪاتي انجنيئر پنهنجا نوازڻ شروع ڪري ڇڏيا

ٻاهرين ضلعن جي ٺيڪيدارن جي نالن تي پئسا جاري ڪري مقامي ٺيڪيدارن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو

مقامي ٺيڪيدار سخت پريشان، وس وارن کان فورن نوٽيس وٺي ساڻن انصاف ڪرڻ جي گهر ڪري ڇڏي

مقامي ٺيڪيدارن کي نظر انداز ڪري رڳو پنهنجن کي نوازيو پيو وڃي، معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي : متاثر

ٺٽو (ڊ ر) ٺٽي ۾ ايجوڪيشن ورڪس ڪاتي انجنيئر پنهنجا نوازڻ شروع ڪري ڇڏيا. ٻاهرين ضلعن جي ٺيڪيدارن جي نالن تي پئسا جاري ڪري مقامي ٺيڪيدارن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو، مقامي ٺيڪيدار سخت پريشان، جن وس وارن کان فورن نوٽيس وٺي ساڻن انصاف ڪرڻ جي گهر ڪري ڇڏي آهي. ان سلسلي ۾ ٺٽي جي ڪيترن ئي متاثر مقامي ٺيڪيدارن ڏانهيندي الزام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
خميس 21 ڊسمبر 2023ع

آپگهات روڪڻ لاءِ حڪومت پنهنجي حصي جو ڪم ڪري

[illegible]

ڪي منهن ڏيڻ جي لاءِ ڪي مثبت قدم کڻي ۽ پڻ حڪومتي سطح تي لاڳاپيل ادارا اهڙن واقعن جو سماجي اپاس ڪرائين ۽ ان جي حقيقي سبب کي ڳولين. ان سان گڏ انهن سببن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ اثرائتا ۽ نتيججن ڀريا قدم کڻن ته ان سان به سرڪار پنهنجي حصي جو ڪافي ڪم ڪري سگهي ٿي. جنهن سان انسان کي هڪ ڀيرو ملندڙ حياتي تان هٿ کڻڻ تي مجبور ٿيڻو نه پوي. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ سماجي ادارن سان گڏجي ڪري به حڪومت کي اهڙي منصوبا ۽ پروجيڪٽ جاري ڪري سگهي ٿي. جنهن سان اهڙي مايوسي، ڊپريشن ۽ غذا فراهم ڪري عوام جي هڪ وڏي حلقي کي ان ۾ شامل ڪري هن سنگين مسئلي کي ڪنهن حد تائين گهٽائي سگهجي ٿو صحت مند رهڻ جو دارومدار صحت مند سماج تي هوندو آهي. جنهن ۾ جملي سماجي اصول ڪم ڪندا آهن. انهن ۾ به حڪومت تي فرض لاڳو ٿئي ٿو ان پاسي ڌيان ڏئي اهڙن روين کي اڳتي واڌيو وڃي.

ڀٽي جي ڦاهي کي "عدالتي قتل" ڇو ٿو قرار ڏنو وڃي؟

تحرير: وقار مصطفيٰ

"مون چيو ذوالفقار علي ڀٽو ولد شاهنواز ڀٽو رهندڙ المرتضيٰ، لاڙڪاڻو" ڪي جناب (ڇا جناب) ؟ حيرت مان اهو چوندي (لاهور) جي اڇرو ٿاڻي جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر عبدالحئي جي هٿ مان قلم ڪري پيو" سن 1974 ۾ 10 ۽ 11 نومبر جي رات جي آخري پهر ٿيندڙ ان مڪالمي جي راوي ۽ تڏهوڪي قومي اسيمبلي جي رڪن ۽ تحريڪ استقلال جي سيڪريٽري اطلاعات احمد رضا قصوري، هن جي والده ۽ ماسي ڪجهه ڪلاڪ اڳ ۾ ٿيل ان حملي ۾ بچي ويا هئا. جنهن ۾ سندس والد شديد زخمي ٿي ويو هو. جڏهن هن کان پڇيو ويو ته ڪيس ڪنهن تي شڪ آهي ته هن ذوالفقار علي ڀٽو جو نالو ڪنيو. گذريل سال يوٽيوب چينل ٽي سي ايم ڪي انٽرويو ۾ احمد رضا قصوري ٻڌايو ته هو اڃان پوليس کان اهو ئي لکرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته لاهور جي يونائيٽيڊ ڪرسچين اسپتال جي سرجن افسوس جو اظهار ڪندي هن کي ٻڌايو ته هن جو والد نواب محمد احمد خان هاڻي هن دنيا ۾ ناهي رهيو. احمد رضا قصوري ان حملي جو هدف خود کي قرار ڏيندي پوليس جي سامهون پنهنجي بيان ۾ الزام ذوالفقار علي ڀٽو تي هنيو هو. لاهور جي ٿاڻيدار جي هٿ مان قلم ڪرڻ جو سبب به اهو ئي هو ته هو ان وقت وزيراعظم هو. بهرحال احمد رضا قصوري جي مطابق هن فرد بيان جي ذريعي ڀٽو کي پنهنجي والد جي قتل ۾ نامزد ڪري ڇڏيو ۽ ان جي بنياد تي ايف آءِ آر داخل ٿي. ان وقت جي پنجاب جي سربراهه عبدالرشيد جي مطابق احمد رضا قصوري پاران ايف آءِ آر ۾ ڀٽو جو نالو شامل ڪرڻ جو مطالبو هن تسليم ڪيو هن جي مطابق "جيڪڏهن اها سازش هجي ها ۽ ڀٽي ڪئي هجي ها ته ڇا احمد رضا قصوري کي ڇٽي ها جيڪا چاهيو ايف آءِ آر ڪري ڇڏيو" سن 1966 ۾ جڏهن ڀٽو ڪابينا مان مستعفي ٿي ڪري ٽرين ۾ لاڙڪاڻي ويندي لاهور آيو ته هن جي استقبال ڪندڙن ۾ قصوري نمايان هو. قصوري چئي ٿو ته لاهور ريلوي اسٽيشن تي ئي ڀٽو جي سيلون ۾ هن سان ملاقات ٿي هئي ۽ دوستي جي شروعات ٿي وئي. پوءِ ڀٽي کي قصور اچڻ جي دعوت ڏني وئي. احمد رضا قصوري جو چوڻ آهي ته " پهرين مان هن کي بلهي شاهه جي مزار تي وٺي ويس جتي دستاربندي ٿي. حويلي ڏانهن واپسي دوران مون ڀٽي کان پڇيو ته ڇا هو ان بزرگ جي باري ۾ ڄاڻي ٿو جنهن جي مزار تي کيس وٺي ويو هوس". ڀٽي صاحب جواب ڏنو بنهه گهٽ". مون چيو ته هي پنجاب جو تمام وڏو انقلابي هو. ٽي سئو سال هن اسٽيٽس ڪي ٽوڙيو. هن جو ڪلام گهڻو پاورفل آهي. هن هڪ نعرو بلند ڪيو هو ته منگ اوري بنديا الله ڪولون. جلي، گلي، ڪلي" " ڀٽي پڇيو ته ان جو ڇا مطلب آهي ؟ " "مون چيو ته جلي آهي ڪپڙو، گلي روٽي آهي ۽ ڪلي مڪان". ڀٽي چيو ته ڇو نه اسان ان کي پنهنجي منشور جو حصو بڻائي وٺون". اهڙي ريت اهو نعرو قصور مان ورتو ويو "حضرت بابا بلهي شاهه کان اٿو، لٿو ۽ اجهو " پوءِ پيپلزپارٽي جي جي باقاعده قيام کان ٽي ڏينهن اڳ ڀٽي سندس ٿي گهر تي اهو اعلان ڪيو ته ڀٽو ائين ڪرڻ وڃي رهيو آهي ڊسمبر1970 ۾ احمد رضا قصوري پاڪستان پيپلزپارٽي جي ٽڪيٽ تي قصور مان قومي اسيمبلي جو رڪن چونڊيو ويو. پر چونڊن جي ڪجهه عرصي بعد پارٽي جي چيئرمين سان هن جي اختلافن جي شروعات ڀٽي جي ان اعلان سان ٿي ته هو ٽي مارچ 1971 تي ڍاڪا ۾ گهرايل قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت نه ڪندو نه ئي ڪنهن ٻئي اسيمبلي جي ميمبر ائين ڪرڻ ڏيندو. ڪجهه اخبارن لکيو ته ائين ڪندڙن جو ٽنگون ڀڃيون ڇڏينداسين. احمد رضا قصوري اجلاس ۾ شرڪت جي لاءِ ڍاڪا پهچي ويو پر اجلاس منعقد نه ٿيو اتان کان ڀٽي ۽ قصوري جي وچ ۾ وڇوٽيون وڌڻ لڳيون. عقيل عباس جعفري جي تحقيق آهي ته قصوري واپس آيو ته ڀٽي پارٽي پاليسي سان اختلاف ڪرڻ تي قصوري کان قومي اسيمبلي جي سيٽ تان استعفيٰ طلب ڪئي، پر قصوري انڪار ڪري ڇڏيو. سندس دعويٰ هئي ته هن اها سيٽ پيپلزپارٽي جي ڪري نه پر پنهنجي مقبوليت جي بنياد تي کٽي آهي. ڀٽي معراج خالد، حنيف رامي ۽ يعقوب خان جي الزامن جي روشني ۾ احمد رضا قصوري جي پارٽي رڪنيت معطل ڪري ڇڏي. اڳئين ڏينهن قصوري لاهور ۾ هڪ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڀٽي کي پيپلزپارٽي جي چيئرمن شپ تان برطرف ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. "6 جون 1971 تي پيپلزپارٽي جي مجلس عامله قصوري کي باضابطه طور تي پارٽي جي رڪنيت مان خارج ڪري ڇڏيو. ائين ڀٽي ۽ قصوري وچ ۾ وڇوٽي وڌيڪ گهري ٿي وئي". "1972 ۾ جڏهن قومي اسيمبلي جو اجلاس شروع ٿيو ته احمد رضا قصوري پ پ پ جي حوالي سان کٽيل سيٽ ڇڏڻ ڪانسواءِ تحريڪ استقلال ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو. 1973 جو آئين منظوري جي لاءِ ايوان ۾ پيش ٿيو ته قصوري انهن ٽن شخصن ۾ شامل هو جن ان تي دستخط نه ڪيو هو. اسيمبلي ۾ قصوري جون ڀٽي ۽ پيپلزپارٽي جي خلاف تقريرون جاري رهيون. 4 جون 1974 تي ڀٽي قومي اسيمبلي ۾ تقرير ڪندي چيو ته "آئين تي مخالف ڌر جو گوڙ ۽ واويلا بنا جواز آهي، ڇاڪاڻ جو مخالف ڌر جي سمورن ميمبرن آئين تي صحيحون ڪيون آهن ۽ هي هڪ متفق آئين آهي. "جنهن تي قصوري اسپيڪر کي مخاطب ٿيندي چيو هو ته "رتو ديرو مان آيل فاضل مقرر غلط بيانيءَ کان ڪم وٺي رهيو آهي. سڄي دنيا ڄاڻي ٿي ته مون آئين تي صحيح ناهي ڪئي. ان جي حق ۾ ووٽ ناهي ڏنو. پوءِ هي ڪيئن ٿو چئي سگهي ته آئين تي سمورن صحيحي ڪئي آهي ۽ هي آئين متفق آهي؟ ان مداخلت تي ۽ ان رمارڪس تي ڀٽو طيش ۾ اچي ويو ۽ هن قصوري ڏانهن اشارو ڪندي رڙ ڪندي چيو هو ته "مون هن شخص کي گهڻو برداشت ڪري ورتو آهي، هي مجسم زهر قاتل آهي. هاڻي اسين هن کي قطعي برداشت نه ڪنداسين". "قومي اسيمبلي ۾ ڀٽي صاحب جي ان تقرير جي اٽڪل پنجن مهينن بعد 11 نومبر 1974 تي واقعو پيش آيو ٻئي ڏينهن يعني 12 نومبر انگريزي روزاني ڊان جي خبر هئي "تحريڪ استقلال جي اڳواڻ اصغرخان لاهور ۾ (سياستدان ۽ انساني حقن جي وڪيل) ميان محمود علي قصوري جي رهائش گاهه تي هڪ پريس ڪانفرنس ۾ چيو ته قاتلن احمد رضا قصوري کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ان کان اڳ به هن تي ٽي ڀيرا حملا ٿي چڪا آهن. هن افسوس ظاهر ڪيو ته هن وقت تائين 24 سياسي ليبر ۽ ڪارڪنن کي قتل ڪيو ويو آهي. جن جي قاتلن جو پتو نه پيو آهي، "محمود علي قصوري حڪومت تي الزام لاڳو ڪندي چيو ته هن وقت تائين قومي اسيمبلي جي رڪن نذير احمد، عبدالصمد اڇڪزئي، مولانا شمس الدين، خواجه محمد رفيق ۽ ٻين (سياسي اڳواڻ) قاتلن جي گولين جو نشانو بڻجي چڪا آهن. هن مطالبو ڪيو ته سياسي قتل جو سلسلو بند ڪيو وڃي. "قصوري پنهنجي والد جي قتل جي 9 ڏينهن بعد 20 نومبر 1974 تي قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ ڳاڙهي رنگ جي هڪ بوتل سميت آيو. هن جي دعويٰ هئي ته ان بوتل ۾ سندس والد جو رت آهي. هو هڪ رت ۾ رڱيل قميص به گڏ کڻي آيو هو ۽ اعلان ڪيو هو ته حڪومت جي پارليامينٽ جي ميمبرن تي قاتلاڻي حملن کي وائکو ڪيو وڃي. ٽي سي ايم کي ڏنل پنهنجي انٽرويو ۾ قصوري ٻڌايو ته هن اسيمبلي ۾ چيو هو ته "پتا، مان توکي ڇڏيندس ڪونه . ڪيفر ڪردار تائين پهچائيندس (جاري آهي)

صوفيءَ سير سيڻ ۾، جئن رڱن ۾ ساهه؛
سا نه ڪري ڳالهڙي، جئن پوين پروڙي پساهه؛
آهس اِيَ گناهه، جي ڪا ڳري پڌري.

مهانگائي، سياسي پارٽيون ۽ ايندڙ چونڊ

تحرير: قاسم خاصخيلي

ملڪ ۾ مهانگائي، پاڻ جي کوٽ ۽ بيروزگاري سميت ٻين مسئلن جي حل لاءِ ڏانهون ڪندڙ عوام جي دردن جو ڪير به درمان ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ملڪ جي وڏين پارٽين جا سربراهه توڙي ٻيا اڳواڻ ڪڏهن جلسن ۾ ته ڪڏهن پريس ڪانفرنسن ۾ ايندڙ چونڊ ۾ ليول پليئنگ ڏيڻ جي ڳالهه ڪرڻ سميت رڳو هڪ ٻئي خلاف بيان بازي ۾ پورا آهن پر ملڪ جي عام ماڻهو جي تڪليفن تي ڪير به ڳالهائيندي نظر نٿو اچي. توڙي جو ايندڙ چونڊن ۾ ووٽ ان ئي عام ماڻهو کان وٺڻ وارا آهن پر ڪٿي به جلسن توڙي ٻين هنڌن تي عام ماڻهو جي ڇڻ ڳالهه هنن جي منشور ۾ ئي ناهي رهي، ها باقي ڪجهه ڏينهن اڳ پيپلز پارٽي پاڻ جي کوٽ خلاف رسمي احتجاج ڪري عام ماڻهو ۾ نالو ڳڻائڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي پر اها ڪوشش به ڪيس عام ماڻهو کان ايتري همدردي ناهي ڏياري سگهي جيتري هوءَ حقدار هئي ان جا ڪيئي سبب ٿي سگهن ٿا پر ملڪ ۾ اصل مسئلو مهانگائي جو آهي.
مهانگائي جي وڌڻ، بيروزگاري ۽ نااتصافين سبب عام ماڻهو لڳاتار ذهني ڪرب جو شڪار نظر اچي ٿو ملڪ ۾ نگران سرڪار جڏهن کان آئي آهي تڏهن کان ان جي ڪجهه نه سمجهه ۾ ايندڙ فيصلن سان گڏ ڪجهه عوامي ڀلائي وارا فيصلا پڻ ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن تن ۾ هڪ اهم فيصلو پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ گهٽتائي وارو به نمايان نظر اچي ٿو اها ٻي ڳالهه آهي ته تيل جي عالمي ليول تي اڳهن جي گهٽتائي مطابق هتي قيمتون گهٽ ناهن ٿيون پر ايترو ضرور ٿيو آهي ته ملڪ جي عوام جيڪا گذريل دور حڪومت کان پوءِ وري نگران سرڪار پاران به تيل جي مسلسل وڌندڙ قيمتن سبب پريشان هئي اها ڪجهه سک جو ساهه کڻڻ جهڙي ته ٿي آهي پر ڳالهه رڳو تيل جي قيمتن جي گهٽتائي جي ناهي پر ان گهٽ ٿيندڙ پيٽرول ۽ ڊيزل سميت ٻين پيٽروليم مصنوعاتن جي قيمتن کان علاوه عوام کي عام واهپي جي شين جي اگهن جي گهٽ ٿيڻ جو به وڏو انتظار آهي جيڪو رليف عوام کي نه پيو ملي، ان جا سبب ڇا آهن اهو هڪ الڳ بحث آهي پر تازو ڪجهه ڏينهن اڳ سرڪاري طور جاري ٿيل انگ اکر به ان ڳالهه جو ثبوت آهن، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته مهانگائي جي شرح 42 سيڪڙو کي به ڪراس ڪري وئي آهي جيڪا تاريخ جي بلند ترين سطح ليکي پئي وڃي.
ملڪ ۾ ان قدر وڌندڙ مهانگائي تي ضابطو آڻڻ لاءِ گذريل حڪومتن جي ڪا خاص پلاننگ نظر نه آئي پر موجوده وفاقي توڙي سنڌ جي صوبائي نگران سرڪار به خبر ناهي ڪهڙي مصلحت تحت ملڪ مٿان عذاب وانگر حاوي ٿيندڙ مهانگائي جهڙي راڪاس کي روڪڻ لاءِ ڪي جوڳا اپاءَ ناهن ورتا. جيڪا ملڪ جي مسڪين ۽ پورهيت طبقي لاءِ ڏاڍي ڏکوئيندڙ ڳالهه آهي. نگران سرڪار پاران گذريل ڏيڍ مهيني کان ٻن مهينن ۾ پيٽرول جي اگهن ۾ وڏي گهٽتائي ڪئي آهي ۽ عوام کي رليف ڏيڻ جي به ڪوشش ڪئي آهي پر ان جو ثمر عام ماڻهو کي ملڻ بدران وڏن ڪارخانيدارن، واپارين، ٽرانسپورٽرن ۽ ٻين وڏن ڪاروبارن سان سلهاڙيل ڌرين کي پهتو آهي جنهن جو مثال اهو به آهي ته جيڪو اٽو گذريل مهيني 125 کان 130 روپيا ڪلو ملي رهيو هو اهو هڪدم 10 کان 15 روپين تائين وڌي 135 کان 140 روپيا ڪلو وڪامڻ لڳو آهي جڏهن ته کنڊ جو اگهه به 125 مان وڌي 135 روپيا ٿي ويو آهي ان کان علاوه چانهه واري پتي پڻ لڳ ڀڳ ارڙهن سؤ روپيا ڪلو وڪرو ٿي رهي آهي گيهه ۽ ڪاڌي پيتي سميت ٻين عام واهپي وارين شين جا اگهه گهٽ ٿيڻ بدران ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن. جيڪڏهن پيپلز پارٽي پاڻ جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيا به آهن ته انهن جو ڪو خاص ڪڙ تيل ناهي نڪري سگهيو اتي سوچڻ جي ڳالهه اها به آهي ته پيپلزپارٽي سنڌ ۾ لڳاتار پندرنهن سال حڪومت ڪرڻ سان گڏ پنج سال پهرين وفاق ۾ حڪومت ڪرڻ سان گڏ تازو ڏيڍ سال پي ڊي ايم جي پليٽ فارم تان گذيل حڪومت جو حصو پڻ رهي آهي ان ڪري پاڻ جي کوٽ سميت ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي جي سببن ۽ ان ۾ ملوث ڌرين جي ان کي چڱي ريت ڄاڻ هجڻ گهرجي.
جيڪڏهن ملڪ جي عوام سان واقعي به سياسي پارٽيون سچيون آهن ته احتجاج ڪرڻ بدران پنهنجي قانوني ماهرن جي ٽيم سان صلاحون ڪري ان وسيلي انهن ڌرين کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي بيهاري سوال ڪري ۽ عوام کي هڪ وڏو رليف ڏياري سگهن ٿيون. پيپلز پارٽي کان علاوه نواز ليگ ۽ جي يو آءِ سميت تقريبن ٻين سڀني پارٽين جي سياسي منشور کان في الحال عام ماڻهو جڻ غائب نظر اچي رهيو آهي. نتيجي ۾ عام ماڻهو بي رحم ڪارخانيدارن واپارين ٽرانسپورٽرن ۽ ٻين وڏن واڳن جي وات ۾ قائل آهي جيڪو مهانگائي جي چڪيءَ ۾ مسلسل پيڙجي رهيو آهي. پيٽرول، ڊيزل سميت ٻين پيٽروليم جي شين ۾ وڏي گهٽتائي اچڻ باوجود وڏن واپارين ۽ ٽرانسپورٽرن پاران مسڪين قوم کي بي دردي سان ڪٺو پيو وڃي. قوم جو جڻ ته ملڪ ۾ ڪوبه پرسان حال نظر نه پيو اچي ٽرانسپورٽر جيڪي 5 روپيا تيل وڌڻ جي بهاني 50 روپين کان 200 روپين تائين ڪرايا وڌايو ٿا ڇڏين ۽ گورنمينٽ جي مقرر ڪيل ڪراين کي ٺڏي سري عام ديده دليري سان وڌيڪ ڪرايا اوڳاڙي عوام کي لٽي رهيا آهن تن کان به ڪير پڇڻ وارو ئي ناهي ۽ نه ئي ذخيره اندوزن خلاف ڪا جوڳي ڪارروائي ڏسڻ ۾ ٿي اچي جيڪي ملڪ ۾ هئرادو مهانگائي جا وڏا ذميوار بڻ ليکيا وڃن ٿا. ان ڪري مهانگائي جي ذميوار ڌرين خلاف هن وقت ملڪ ۾ قانون جي رٽ قائم ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي ملڪ ۾ عام ماڻهو کي مهانگائي کان ڇوٽڪارو ڏيڻ سميت مستقل پلاننگ سان بيروزگاري کي به قابو ڪرڻ لاءِ بهتر فيصلا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت ۾ شامل آهي.
هن وقت جڏهن ته ملڪ ۾ عام چونڊن جي شيڊول جو به اعلان ٿي چڪو آهي ۽ هر سياسي پارٽي کي چونڊ وسيلي ماڻهن ۾ وڃڻو آهي ان وقت پاڪستان پيپلز پارٽي، مسلم ليگ نواز، جميعت علماءِ اسلام، جي ڊي اي سميت اڪثر پارٽين کي ملڪ مان مهانگائي ۽ بيروزگاري جي خاتمي لاءِ عوام کي پنهنجو ڪليل منشور ڏيڻ سان گڏ مرڪزي نگران سرڪار سميت چئني صوبائي نگران حڪومتن آڏو عوام جي اهڃن تي ڳالهائڻ يا احتجاج ڪرڻ گهرجي ته جيئن مستقبل قريب ۾ وڏن واڳن تي ڪنٽرول ڪري مهانگائي جهڙي جن کي به قابو ڪري سگهجي ۽ ان جي چنبي ۾ قائل عوام کي رليف ڏياري ڪوان جي چهرن تي مرڪون موٽائي ڏين ته جيئن سياسي پارٽيون ان سان ايندڙ چونڊ ۾ عوام جو پاڻ مٿان اعتماد به بحال ڪرائي سگهن.

بقايا 01 ***

بابت پاڪستان جو موقف پيش ڪيو آرمي چيف چيو ته ڪشمير بين الاقوامي طور تسليم ٿيل تڪرار آهي، ڪو به هڪ طرفو قدم ڪشميري عوام جي خواهشن جي خلاف هن تڪرار جي نوعيت کي تبديل نه ٿو ڪري سگهي آرمي چيف غزه ۾ فوري جنگبندي لاءِ زور ڀريندي چيو ته غزه ۾ انساني همدردي ۽ خطي ۾ جٽادار امن لاءِ 2 رياستي حل جو نفاذ ضروري آهي، پاڪستان ڏکهي مدي وارن بطرفن لاڳاپن ذريعي آمريڪا سان مضبوط لاڳاپا وڌائڻ جو خواهشمند آهي آرمي چيف جون آمريڪي دوري دوران سياسي ۽ عسڪري قيادت سان ڳالهيون مثبت رهيون

بقايا 02 ***

پي بي 150 تي مريم نواز سان جيل ۾ قيد صنم جاويد پي ٽي آءِ ٽڪيٽ تي مقابلو ڪندي، پي ٽي آءِ چيئرمين گوهر خان جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ اميدوار عمران خان جي تصوير کڻي چونڊ وڙهندا ۽ وڏي اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندا. گوهر خان اها ڳالهه شايد ان ڪري ڪئي آهي ته کيس خدشو آهي ته مٿان پي ٽي آءِ کان بيٽ جو نشان کسجي وڃي.

بقايا 03 ***

ڪورٽ اڄ جاري ڪيو آهي. جج اهو فيصلو بلوچستان جي ٻن ضلعن ۾ تڪبندين خلاف داخل درخواست تي ڏنو آهي. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته آئين ۾ هڪ جج جو ڪردار جمهوريت ۽ آئين جي محافظ جو آهي. آزاد ۽ شفاف چونڊن سان ئي جمهوريت برقرار رهندي آهي. چونڊن بنا حڪومت کي جمهوري حڪومت نٿو چئي سگهجي. وقت تي آزاد ۽ شفاف چونڊون حقيقت ۾ آئيني جمهوريت آهي. چونڊن سان عوامي راءِ جو احترام ٿيندو آهي. قيادت عوام سامهون جوابده هوندي آهي. فيصلي موجب چونڊ شيڊيول جاري ٿيڻ تائين سڀني ڪيسن جو فوري طور حل ضروري آهي. چونڊن ۾ دير يا چونڊن بابت ڪيسن ۾ دير سان چونڊ عمل ۽ جمهوري نظام تي عوامي اعتماد متاثر ٿيندو آهي. سياسي ماحول عدم استحڪام جو شڪار ٿيندو آهي. تڪبندين خلاف درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي ته چونڊ شيڊيول متاثر ٿيندو. جيڪڏهن تڪبندين بابت درخواستون ٻڌيون ته ڪيسن جي پوڙ اچي ويندو. جج فيصلي ۾ لکيو ته چونڊن لاءِ گهڙي جي سُئي اڳتي وڌي رهي آهي. جيڪڏهن هن وقت تڪبندين جو معاملو ڏٺو ته لکين سياسي ڪارڪنن ۽ ووٽرن جو بنيادي حق متاثر ٿيندو. عام چونڊن کي تڪبندين خلاف اعتراضن تي ترجيح ڏني رهيا آهيون. سپريم ڪورٽ چيو ته اليڪشن ڪميشن ٻنهي تڪن ۾ پنهنجي تڪبندين تحت چونڊون ڪرائي. ڪيس عام چونڊن کانپوءِ ٻڌنداسين. رجسٽرار آفيس ڪيس کي عام چونڊن کانپوءِ ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري.

بقايا 04 ***

. منهنجي جڳهه تي اهڙي شخص کي آندو ويو جنهن اڄ جي خوشحال ملڪ کي تباهه ڪري ڇڏيو. (ن) ليگ جي پارلياماني بورڊ کي خطاب ڪندي نوازشريف چيو ته 2017 خوشحالي جو دور هو ملڪ ۾ نه مهانگائي هئي نه ئي وري بيروزگاري. 2017 ۾ ماڻهو غربت جي لڪير کان نڪري رهيا هئا پاڪستان ترقي ۾ سڀني کان اڳيان هو هن چيو ته 2017 ۾ روپئي جي قدر مضبوط هئي. مهانگائي نه هئي ماني 4 روپين جي ملندي هئي. عام واهپي جون شيون عوام جي پهچ ۾ هيون. ائين لڳي رهيو هو ته پاڪستان ترقي يافته ملڪن ۾ شامل ٿي ويندو.

پر اڄ ملڪ دلدل ۾ ڦاسي چڪو آهي. خبر نه آهي ته پاڪستان کي ڪنهن جي نظر لڳي وئي. اڳوڻي وزيراعظم چيو ته 4 ڏينهن جي ترقي کان پوءِ اسان واپس پوئتي وڃڻ شروع ٿي ويندا آهيون. جسٽس شوڪت عزيز ٻڌايو ته مون کي چيو ويو ته نوازشريف کي جيل کان ٻاهر ناهي ڇڏڻو چيو ويو ته نوازشريف جيڪڏهن جيل مان ٻاهر نڪتو ته اسان جي 2 سالن جي محنت ضايع ٿي ويندي. اهو حادثو پهرين ڀيرو نه پر ڪيترائي ڀيرا ٿي چڪو آهي. هڪ شخص کي آڻڻ جي لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪيو ويو. اهڙي شخص کي آڻڻ کان پوءِ ملڪ جون حالتون سڀني جي سامهون آهن ملڪ ۾ مهانگائي ان شخص جي اچڻ کان پوءِ ٿي. نوازشريف چيو ته مون ۽ مريم نواز 150 پيشيون ڀوڳيون خبر ناهي ڪوڙا ڪيس ناهڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. پٽ کان پگهار نه وٺڻ تي مون کي نااهل ڪري ڪڍيو ويو دنيا ۾ ائين ڪٿي به ٿيندو آهي ته چونڊيل وزيراعظم کي ڪڍيو وڃي. اڄ ڪوڙا ڪيس ختم ٿي رهيا آهن. 3 بڌائين ۾ عدالت ڪيس اڪلائي ڇڏيا. هن چيو ته 2013 ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ هئي. اسان 4 سالن ۾ ختم ڪئي. ملڪ مان دهشتگردي جو خاتمو ڪيو. ڪراچي جو امن امان بحال ڪيو. ميٽرو بس ۽ اورنج لائين ڪنهن ناهي ملڪ ۾ اسان ڪان علاوه موٽر ويز ڪنهن ناهي. ان کان پهريان عوام ڏيڍ ڏيڍ ڪلاڪ ۾ سفر ڪندو هو. هاڻ اهو ساڳيو سفر 15 کان 20 منٽن ۾ طئي ٿي ويندو آهي. هن وڌيڪ چيو ته اسان جا پاڙيسري ملڪ چنڊ تي پهچي ويا پر اسان انهن کان به تمام گهڻو پوئتي رهجي وياسين. ملڪ جي حالتن جا ذميوار اسان پاڻ آهيون. اسان پاڻ پنهنجي پيرن تي ڪهاڙو هنيو ۽ هر اها قوم جنهن ترقي ڪئي انهن عورت کي ترجيح ڏني. عورتن کي ملڪ جي ترقي ۾ برابر جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو عورتن کي مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻو پوندو. عورتن جي شموليت سان ئي ترقي جا حدف پورا ڪري سگهجن ٿا.

بقايا 05 ***

پئسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي منظوري ڏني ڇڏي. بجلي جي اگهن ۾ واڌ پهرين ٽن مهينن جي ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪئي وئي آهي. نيپرا جو چوڻ آهي ته واهپيدارن کي واڌو ادائيگيون جنوري کان مارچ 2024 تائين ڪرڻيون پونديون. ان سان واهپيدارن تي 22 ارب 29 ڪروڙ 70 لک رپين جو واڌو بار پوندو. بجلي اگهن ۾ اها واڌ ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن تي به لاڳو ٿيندي.

بقايا 06 ***

جي شوقينن کي وڏي خوشخبري ضلعي انتظاميا پاران پنهنجي نوعيت جو پهريون بين الاقوامي (برنس روڊ ثقافتي کاڌن جو ميلو) منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ثقافتي کاڌن جو ميلو 22 ڊسمبر کان 25 ڊسمبر 2023 تائين رات 8 وڳي کان 3 وڳي تائين جاري رهندو. ان سلسلي ۾ ڊي سي ڏکڻ ڪراچي عوام کي پيغام ڏيندي چيو آهي ته سمورا ماڻهو ضلعي انتظاميا پاران پهرئين انٽرنيشنل برنس روڊ کاڌي جي شين جي ميلي ۾ شرڪت ڪن ۽ پنهنجي گهروارن ۽ دوستن جي موجودگي سان ان کي وڌيڪ ڪامياب بڻائين. اهو فيسٽيول برنس روڊ فريسڪو چوڪ تي منعقد ڪيو ويندو. وڌيڪ معلومات لاءِ لاڳاپيل نمائندي جي ڏنل نمبرن 0333-2866655 ۽ 0323-3746686 تي رابطو ڪري سگهجي ٿو.

بقايا 07 ***

سان ڳالهائيندي بئريسٽر گوهر چيو ته اسان فري اينڊ فيئر چونڊون چاهيون ٿا. اسان جو ڪو اهڙو مطالبو ناهي ته اليڪشن ڪمشنر استعيفيٰ ڏئي. اسان هر هر چئي رهيا آهيون پر ڪنوينشن ڪرڻ نه پيا ڏنا وڃن. جيڪڏهن 25 ڪروڙ عوام جي حقن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي ته چيف جسٽس کي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته نواز شريف امپائر سان گڏجي کيڏندو آهي. هن پيري اسان جي اميدوارن کي ميدان ۾ لهڻ ئي نه پيو ڏنو وڃي. اسان جي ماڻهن کان نامزدگي ڪاغذ کسيا پيا وڃن. سندس چوڻ هو ته عمران خان کان سياڻي نامزدگي ڪاغذن تي صحيحون ڪرائينداسين. مون کي اڄ جيل ۾ سادو ڪاغذ کڻي وڃڻ جي اجازت نه ڏني، خدشو آهي ته اسان جي ماڻهن کي روڪيو ويو ته حالتون خراب ٿي وينديون ۽ اسان نٿا چاهيون ته حالتون خراب ٿين. جڏهن ته ٽڪيٽن بابت عمران خان سان مشاورت هلي رهي آهي، ان ۾ وڌيڪ وقت لڳي سگهي ٿو

بقايا 08 ***

اعلان ڪري ڇڏيو ڪوئيٽا ۾ بلوچستان جي سڏسماءِ واري نگران وزير جان اڇڪزئي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي سرفراز بنگلزئي چيو ته بلوچستان جو امن تباهه ڪرڻ لاءِ پارٽ فنڊنگ ڪندو آهيون چيو ته ڪجهه ماڻهو پنهنجن ڪڏن مقصدن لاءِ بلوچ مائرن، ڀينرن ۽ نوجوانن کي رياست خلاف استعمال ڪري رهيا آهنهن چيو ته پنهنجن ماڻهن ۽ سرزمين کان پري رهڻ تي پڇتائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿو ملي. ٻيا ماڻهو به ان انتظار ۾ آهن ته رياست هنن جي آجيان ڪرينگران وزير جان اڇڪزئي چيو ته بغاوت ڇڏي واپس ايندڙن کي رياست ڀليڪار ڪندي. غلط فهميون ۽ وڇوٽيون ختم ٿيڻ گهرجنتگران وزير جان اڇڪزئي چيو ته پاڪستان جي ترقيءَ جو رستو بلوچستان مان وڃي ٿو

بقايا 09 ***

ڇڏيون ٻڌيهي ميڊيا موجب اهو واقعو غازي آباد جي علائقي ۾ پيش آيو جتي مڙس ڌرم وير ۽ سندس زال سندري وچ ۾ چانهه تي جهيڙو ٿيو پوليس ٻڌايو ته اڱاري جي رات جو ٻنهي ۾ جهيڙو شروع ٿيو ۽ ڌرم وير ڪاوڙ ۾ اچي زال جي ڳلي تي تيزاوزار سان چار وار ڪيا. پوليس موجب زال تي حملو ڪرڻ بعد ڌرم وير موقعي تان فرار ٿي ويو جڏهن ته پٽ پاران پوليس کي واقعي جو اطلاع ڏنو ويو ۽ شڪايت داخل ڪرائي.

بقايا 10 ***

ڏينهن کان رياست جي ڏاکڻين ضلعن ۾ شديد برسات رڪارڊ ڪئي پئي وڃي جنهن جي ڪري عام زندگي بري طرح متاثر ٿي آهي. پارٽي رياست تامل نادو جي اختيارين جو چوڻ هو ته ترونل ويلي ۽ ٻين ضلعن ۾ برسات دوران پٽيون ڪرڻ ۽ ڪرنٽ لڳڻ جا واقعا به پيش آيا. اختيارين موجب ٽوٽيڪورن ضلعي جي علائقي ڪيالپٽنم ۾ گذريل 2 ڏينهن ۾ 1186 ملي ميٽر برسات ٿي ۽ ترونچندر ۾ 921 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ڪئي وئي جڏهن ته ٽوٽيڪورن ضلعي ۾ ڪيترائي ڳوٺ نديءَ جي ڪناري تي موجود آهن جيڪي ٻوڏ سبب متاثر ٿيا. اختيارين ٻڌايو ته ٻوڏ ۽ هنگامي صورت مان عوام کي ريسڪيو ڪرڻ ۾ ساموندي، هوائي فوج، نيشنل ڊزاسٽر ريسپانس فورس سميت ٻين رياستي ادارن جي تقريبن هڪ هزار 343 اهلڪارن حصو ورتو . اهلڪارن 160 رليف ڪيمپن ۾ 17 جي ويجهو ماڻهن کي پناهه فراهم ڪئي. ڀارتي ميڊيا موجب برسات سبب موبائل نيٽورڪ سروس معطل هجڻ ڪري ريسڪيو جي ڪمن ۾ ڏکيائيون پيش آيو جنهن لاءِ انتظاميا پاران 200 جي ويجهو وائرليس ٽيليفون استعمال ڪيا ويا.

بقايا 11 ***

ڪيا آهن. ن ليگ اڳواڻ ڪيپٽن صفدر تصديق ڪندي چيو آهي ته اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف اين اي 15 مانسهرا مان چونڊ وڙهندو. سياڻي سندس نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويندا. هن چيو ته نواز شريف مانسهرا مان ايم اين اي بڻجي چوٿون ڀيرو وزيراعظم بڻجندو. هو خيبر پختونخواهه جي محرومين جو ازالو ڪندو.

بقايا 12 ***

خاطرين باوجود سنڌي شاگردن جي رستا روڪ بند ناهي ٿي سگهي. ڪراچي يونيورسٽي ۾ هن سال جي ايڊميشن کان پهريان 43 شعبن تي KSP پاليسي لاڳو هئي. اها وڌائي 44 ڊپارٽمينٽ تي لاڳو ڪئي وئي. آهي جيڪي رڳو بيچلر ڊگري پروگرام آهن. ان کان علاوه 47 ماسٽرس ڊگري پروگرام آهن. جن تي به KSP پاليسي لاڳو آهي. جنهن جو مقصد صرف سنڌي شاگردن جو رڌندڙ انگ برداشت نه ڪرڻ آهي. سنڌ شاگرد سٿ موجب ڪراچي يونيورسٽي ناڻو اوپن ميرٽ جو ڏئي ٿي پر ميرٽ جو جنازو ڪڍيو ٿو وڃي. هن پاليسي تحت مخصوص بورڊ جي شاگردن کي سمورين سيٽون ڏنيون پيون وڃن. جيڪو انتهائي نامناسب عمل آهي. جنهن سان هڪ تعصب پيدا ٿئي پيو ڪجهه شاگردن کي خراب ڪارڪردگي جي به داخلا ملي پئي ۽ سٺي ڪارڪردگي ۽ خواهش رکڻ باوجود ٻين شاگردن کي داخلا نه پئي ملي سگهي. سنڌي شاگرد سٿ ان پاليسي کي مڪمل تي رد ڪري ٿو ۽ اعلان ڪري ٿو ته جيڪڏهن جا طالبا تسليم نه ڪيا ويا ته 22 جنوري تي ڪراچي يونيورسٽي جي سلور جوبلي گيٽ تي بک هڙتالي ڪئمپ لڳائي ويندي. جيڪا مرڻ گهڙي تائين جاري رهندي. ان کان بعد 4 مارچ 2024 تي ڪراچي يونيورسٽي کان ڪراچي پريس ڪلب ۽ سنڌ اسيمبلي جوڙخ ڪيو ويندو

بقايا 13 ***

خلاف مهر هلائڻ پنيان اعظم نذير تارڙ ۽ نواز شريف جو هٿ آهي. نون ليگ چونڊن کان پهرين لاءِ هٿ پير هڻي رهي آهي

بقايا 14 ***

مارڪيٽنگ مافيا اگهه وڌائي ڇڏيا هئا پر هاڻي امپورٽ يوريا جي آمد سان هارين کي پاڻ جهجهي مقدار ۾ ملندو

بقايا 15 ***

مان گهٽائي 16.4 سيڪڙو ڪيو ويو ۽ شارٽ ٽرم سيونگ سرٽيفڪيٽ جو منافعو 21.72 سيڪڙو مان گهٽائي 20.80 سيڪڙو ڪيو ويو آهي. پينشن بينيفٽ اڪائونٽ، شهيدن جي فيملي جي ويلفيئر اڪائونٽ جو منافعو 16.32 مان گهٽائي 16.08 سيڪڙو ڪيو ويو. اهڙي ريت ريگيولر انڪم سرٽيفڪيٽ 16.08 مان گهٽائي 15.12 سيڪڙو ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب ڊفينس سيونگ سرٽيفڪيٽ، سيونگ اڪائونٽ ريٽ جي منافعي ۾ ڪا تبديلي ناهي ڪئي وئي.

بقايا 16 ***

ڪري ڇڏي. نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ کي هٽائڻ لاءِ انٽرا ڪورٽ اپيل تي جسٽس عابد عزيز شيخ جي سربراهي ۾ به رڪني بئنچ ٻڌڻي ڪئي. بئنچ ٻڌڻي کان معذرت ڪندي فائل ٻيهر چيف جسٽس لاهور ها. ڪورٽ کي موڪلي ڇڏيو اپيل ۾ موقف اختيار ڪيو ويو هو ته 15 نومبر تي نگران وزيراعظم جو 90 ڏينهن جو آئيني مدو پورو ٿي ويو آهي. جنهن کانپوءِ سندس وزيراعظم جي عهدي تي رهڻ غير قانوني آهي. عدالت نگران وزيراعظم کي عهدي تان هٽائڻ جو حڪم جاري ڪري.

بقايا 17 ***

عثمان انور سان ملاقات ٿي. ان موقعي تي آل رائونڊر کي اعزازي ڊي ايس پي جا رينڪ به لڳايا ويا. شاداب خان اعزازي ڊي ايس پي مقرر ڪرڻ تي آءِ جي پنجاب کي سليوٽ ڪيو ۽ سندس ٿورا به مڃيا. سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ شاداب خان چيو ته مون کي پنجاب پوليس جو حصو بڻجڻ تي خوشي آهي. آءِ جي پنجاب ۽ پوليس ڪاتي مون کي اعزازي ڊي ايس پي بڻايو آهي، مون کي ان تي فخر آهي.

بقايا 18 ***

ڪميشن طرفان عام چونڊن لاءِ سمورين سياسي پارٽين کي ليول پليئنگ فيلڊ فراهم ڪرڻ جي هدايت تي پنجاب حڪومت سڄي صوبي جي ڊپٽي ڪمشنرن ۽ ڊي پي او کي خط لکيا ويا. اليڪشن ڪميشن هدايتن ۾ چيو آهي ته آئين ۽ قانون تحت سمورا ڊپٽي ڪمشنر غيرجانبداري جو مظاهرو ڪن. پنجاب حڪومت، چيف سيڪريٽري، ڊپٽي ڪمشنرن ۽ ڊي پي او کي ليول پليئنگ فيلڊ بابت هدايتن تي عمل کي يقيني بڻائڻ جو حڪم ڏني. اليڪشن ڪميشن طرفان نگران وزيراعظم جي پرنسپل سيڪريٽري ۽ چئني صوبن جي چيف سيڪريٽرين کي خط لکيا ويا هئا جن ۾ هڪ سياسي پارٽي ليول پليئنگ فيلڊ نه ملڻ بابت اليڪشن ڪميشن آڏو خدشن جو اظهار ڪيو هو.

بقايا 19 ***

يونيسيف، جي زيڊ، جرمن ڪارپوريشن ۽ حڪومت جي اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي بي آءِ ايس پي جي چيئرپرسن ڊاڪٽر محمد امجد ثاقب تقريب کي خطاب ڪندي بي آءِ ايس پي بچت اسڪيم جو تعارف ڪرايو. ڊاڪٽر امجد ثاقب پروگرام جي بنيادي مقصد تي روشني وجهندي چيو ته بي آءِ ايس پي بچت اسڪيم جو مقصد ماڻهن ۾ مالي خودمختاري ۽ بچت جي عادت پيدا ڪرڻ آهي. ڊاڪٽر امجد ثاقب چيو ته بي آءِ ايس پي جي بچت واري اسڪيم تحت 40 پي ايم ٽي اسڪور حاصل ڪندڙ خاندان ۽ فرد مستحق هوندا. ڊاڪٽر امجد ثاقب چيو ته بي آءِ ايس پي بچت اسڪيم، مالياتي شموليت جي حوصلا افزائي ڪري ٿي. ڇاڪاڻ ته ان اسڪيم تحت واهپيدارن جا بچت اڪائونٽ کوليا ويندا. بي آءِ ايس پي جي چيئرپرسن چيو ته مستحقن کي گهرجي ته هو پنهنجي آمدني جو هڪ حصو پنهنجي بچت اڪائونٽن ۾ محفوظ ڪن. حڪومت سندن بچت جو چاليهه سيڪڙو واڌو فراهم ڪندي. هن وڌيڪ چيو ته مرد ۽ عورتون ٻئي اپلائي ڪرڻ جا اهل آهن ۽ ان اسڪيم جو مقصد 150,000 ماڻهن کي فائدو ڏيڻ آهي. خيال رهي ته اهڙي تقريب ڪجهه ڏينهن اڳ اسلام آباد ۾ ٿي هئي.

بقايا 20 ***

ڪيس ڊي جي پي آر سنڌ ان موقعي تي آفيسرن ۽ عملي کي هدايتون ڏنيون ته اهي پنهنجون سرڪاري ذميواريون وقت سر ۽ ذميواري سان سرانجام ڏين. هن چيو ته اطلاعات کاتي جو سڀ کان اهم ڪم اهو آهي ته هو عوام کي سنڌ حڪومت جي سمورن منصوبن بابت ميڊيا ذريعي آگاهي ڏئي ۽ ان مقصد لاءِ سمورن کاتن جا آفيسر پرنٽ، اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا جو استعمال ڪري عوام کي آگاهي. ڊي جي پي آر سنڌ محمد سليم خان پنهنجي دوري دوران ڊائريڪٽوريٽ آف ايڊمن اينڊ اڪائونٽس، ڊائريڪٽوريٽ آف ايڊورٽائزمنٽ، ڊائريڪٽوريٽ آف پريس انفارميشن، ڊائريڪٽوريٽ آف پبليڪيشن، ڊائريڪٽوريٽ آف فلمز ڊائريڪٽوريٽ آف آر اينڊ آر ۽ سيڪشن آفيسرن جي آفيسن جو دورو ڪيو هن آفيسرن ۽ عملي کان آفيس جي معاملن بابت پڇا ڪئي ۽ موقعي تي ضروري هدايتون جاري ڪيون.

بقايا 21 ***

نامزدگي ڪاغذن جي وصولي جا ڏينهن وڌائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ جي حڪم تي اليڪشن ڪميشن طرفان عام چونڊن جو شيڊول جاري ڪيو ويو پر اليڪشن ڪميشن شيڊول ۾ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جي لاءِ 3 ڏينهن جو وقت رکيو آهي. سينيٽر ڪامران مرتضيٰ مطالبو ڪيو ته سياسي پارٽين کي چونڊن جي لاءِ قومي ۽ صوبائي سطح تي اميدوارن کي پارٽي ٽڪيٽ ورهائڻيون آهن ان ڪري نامزدگي ڪاغذن جي وصولي لاءِ 3 ڏينهن جو اضافو ڪيو وڃي. خط ۾ جي يو آءِ جي سينيٽر چيو آهي ته نامزدگي ڪاغذن جي اسڪروٽني جي وقت کي 8 ڏينهن کان گهٽ ڪري چار ڏينهن ڪري سگهجي ٿو ۽ اسڪروٽني جو وقت گهٽ ڪرڻ سان پولنگ 8 فيبروري تي ڪرائڻ ممڪن هوندي. هن چيو ته جي يو آءِ (ف) کي چونڊن جي تاريخ ۽ ٻئي اليڪشن شيڊول جي مرحلي تي ڪوبه اعتراض نه آهي پر اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 58 جي تحت اليڪشن ڪميشن شيڊول اندر هيٺ مٿانهين ڪري سگهي ٿو سينيٽر ڪامران مرتضيٰ چيو ته نامزدگي ڪاغذن جي وقت ۾ اضافو جي يو آءِ (ف) جي لاءِ بطور سياسي پارٽي اطمينان جوڳو هوندو. نامزدگي ڪاغذن جو وقت وڌائڻ سان سياسي پارٽين کي بهتر اميدوارن جي چونڊ ۾ آساني ٿيندي.

بقايا 22 ***

جي وقت ۾ اضافي جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. ايم ڪيو ايم موجب نامزدگي ڪاغذن جي لاءِ 20 کان 22 ڊسمبر تائين جو وقت ڏنو ويو. 3 ڏينهن جو وقت تمام گهٽ آهي. نامزدگي ڪاغذن جون گهرجون ڏکيون هجڻ سبب تاريخ وڌائي وڃي.

بقايا 23 ***

ڪئي. ورڪشاپ جو اهتمام گين پاڪستان، فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائيزيشن، ڪولمبيا ڪلائيميٽ اسڪول، ڪارنيل ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ لائف سائنسز ڪيو هو. ورڪشاپ جو مقصد ملڪ ۾ پهريون فوڊ سسٽم ڊيش بورڊ ناهڻ آهي. ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين چيو ته فوڊ سسٽم ڊيش بورڊ ڪيترن ئي ذريعن کان ڊيٽا گڏ ڪري فوڊ سسٽم جو مڪمل نظام پيش ڪري ٿو. اهو هاڻي ممڪن آهي ته لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز پنهنجي خوراڪ جي نظام جي نتيجن جي پيٺ پيش آيل چيلينجز جي نشاندهي جي باري ۾، غذائيت، صحت ۽ ماحولياتي نتيجن کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدمن جي نشاندهي ڪري سگهندا. هن وڌيڪ چيو ته ان جي معلومات جي مطابق، فوڊ سسٽم ڊيش بورڊ (FSD) پهريون ادارو آهي جيڪو ملڪ جي سطح تي خوراڪ جي سسٽم جي سڀني حصن مان ڊيٽا گڏ ڪري ٿو ۽ ان ڊيٽا کي بامعني طريقن سان ڪيئن استعمال ڪرڻ بابت تفصيلي تجزيو ۽ رهنمائي فراهم ڪري ٿو آغا فخر حسين چيو ته غذائيت جي کوٽ ۽ خوراڪ عدم تحفظ گهٽ ترقي يافته ملڪن جو وڏو مسئلو آهي ۽ ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ فوڊ اٿارٽي ڪيترائي قدم کڻي رهي آهي جنهن جا مثبت نتيجا سامهون آيا آهن جڏهن ته لاڳاپيل ڊيش بورڊ جي قيام سان هن شعبي جي پاليسي ناهيندڙن کي وڏي مدد ملي سگهي ٿي.

بقايا 24 ***

8 فيبروري تي چونڊون نٿي چاهي پر سپريم ڪورٽ جو حڪم رنڊڪ بڻجي ويو آهي، ٻيو ته معيشت جي صورتحال بهتر ڪرڻي آهي ٿيو افغانستان جو معاملو به مٿي جو سور بڻيل آهي، چوٿون پوائنٽ پي ٽي آءِ خلاف ڪريڪ ڊائون آهي. نالپواري ري لاڳر اسد علي طور چيو ته ملٽري اسٽيبلشمينٽ آمريڪا کان اهو چاهي ٿي ته آءِ ايم ايف کان ايندڙ قسط ملي وڃي ۽ چونڊن کان بغير هڪ ٻيو آءِ ايم ايف پروگرام شروع ڪيو وڃي، چوته آءِ ايم ايف پاران گهڻي سختي آهي ته توهان کي چونڊن ۾ دير ناهي ڪرڻي پهرين به آءِ ايم ايف جي دٻاءَ تي ٿي سپريم ڪورٽ کي چونڊن جي تاريخ ڏني وئي هئي. قسط جاري ڪرڻ جو وقت آيو ته اڳ ۾ چونڊن ۾ دير جا افواهه پکڙيا ويا. جنهن تي عالمي مالياتي اداري ان فيصلي کي رد ڪيو. بائيڊن انتظاميا چونڊن ۾ دير جو مطالبو رد ڪري ڇڏيو آهي. پي ٽي آءِ جي مستقبل ۽ شخصي آزادين بابت آمريڪين کي ڪا به ڳڻتي ناهي. هن چيو ته ملٽري اسٽيبلشمينٽ اهو ڏسي رهي آهي ايندڙ آمريڪي چونڊن ۾ ٽرمپ ٻيهر واپس اچي سگهي ٿو ٽرمپ چونڊ کٽي ته هو عمران خان لاءِ ضرور لب ڪشائي ڪندو. آرمي چيف اهليت، صلاحيت ۽ ڪردار کي گهڻي اهميت ڏيندو آهي، اڄڪلهه عمران خان جي ڪردار جي حوالي سان ميڊيا ۾ گهڻو ڪجهه هلي رهيو آهي، هن جو ڪردار خراب آهي. پي ٽي آءِ پنهنجي اميدوارن کي هدايت جاري ڪئي آهي ته توهان کي آزاد حيثيت ۾ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻا آهن. خاموشي سان اميدوار چونڊيا پيا وڃن، ان جي خبر ملٽري اسٽيبلشمينٽ کي به آهي اها اهو سڄو عمل ڏسي رهي آهي. شهري علائقن ۾ پي ٽي آءِ پولنگ ڏهاڙي تي گهڻو سرپرائز ڏئي سگهي ٿي. ملٽري اسٽيبلشمينٽ ٽيليگرام گروپن ۾ پنهنجا ماڻهو شامل ڪري پي ٽي آءِ جي جاسوسي ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي، پي ٽي آءِ پنجاب ۾ مختلف ايپس ذريعي پنهنجي ماڻهن کي ري گروپ ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 25 ***

ريلوي اسٽيشن کان ڪراچي لاءِ رواني ڪئي وئي آهي. اختيارين ٻڌايو ته ٽرين 360 مسافر کڻي 35 ڪلاڪن ۾ ڪراچي پهچندي، عوام ايڪسپريس ۾ 1500 مسافرن جي گنجائش آهي ۽ هر مسافر جو ڀاڙو 4 هزار رپيا مقرر ڪيو ويو آهي. ريلوي اختيارين موجب عوام ايڪسپريس سروس آگسٽ 2022 ۾ ٻوڏ سبب بند ڪئي وئي هئي.

بقايا 26 ***

مٿانهن قتلن خلاف سمي دين بلوچ ۽ ماهه رنگ بلوچ جي اڳواڻي ۾ بلوچ يڪجهتي ڪميٽي پاران ڪوئيٽا کان اسلام آباد تائين گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي لاءِ لانگ مارچ سمورين رڪاوٽن پار ڪري ڊي جي خان کان تونسا پهچي ويو. مارچ ۾ هزارين ماڻهو شريڪ آهن. مارچ ۾ "نون قتل ڪندين، اسان تڪرنداسين" بلوچ نسل ڪشي بند ڪريو" جا نعرا هنيا ويا. ماهه رنگ بلوچ چيو ته رياست جي سمورين ڌمڪين ۽ سازشن باوجود اسان جو لانگ مارچ هن وقت ڊي جي خان کان روانو ٿي چڪو آهي. عوامي طاقت کي دنيا جي ڪا به طاقت شڪست نٿي ڏئي سگهي. ان کان اڳ بلوچ يڪجهتي ڪميٽي پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته ڊي آءِ خان ۾ پيدل لانگ مارچ کان اڳ انتظاميا کي مجبور ڪيو ويو آهي ته هو ٽرانسپورٽرن جي اڳيان رڪاوٽون هٽائي. اڄ تونسا ۾ جلسو ٿيندو جنهن ۾ تونسا جي غيور بلوچن کي ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪريون ٿا. سينئر صحافي عاصمه شيرازي چيو ته مارچ جتان جتان گذريو آهي اتي انهن خلاف ايف آءِ آرز داخل ٿيون آهن. ڊي جي خان ۾ مارچ جو شاندار آجيان ٿيو اهو لانگ مارچ اسلام آباد ڏانهن وڌي رهيو آهي، رياست کي انهن جي مطالبن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. جنهن ۾ جبري گمشدگيون، بلوچ شاگردن جي وٺ پڪڙ، ڪوڙا پوليس مقابلا ۽ ٻيا مطالبا شامل آهن. هن چيو ته رياست ماءُ وانگر آهي، ايف آءِ آرز واپس وٺڻ گهرجي. جان اڇڪزئي چيو ته لانگ مارچ جا سمورا مطالبا تسليم ڪيا ويا آهن. تنهن ڪري ان مارچ کي ڊيگهه ڏيڻ جي ضرورت ناهي. ٻئي پاسي ٽوئيٽر صارف شفيق احمد ايڊووڪيٽ لکيو ته بالاچ بلوچ جي شهادت کانپوءِ تربت مان اٿيل دونهون پيڙ بڻجي تونسا پهچي چڪو آهي ۽ اها تحريڪ ٻڌائي ٿي ته هاڻي ظلم جا ڏينهن ٿورا آهن. جاويد مينگل لکيو ته سامراجي قوتن پاران ڇڪيل لڪير ۽ تقسيم کي بلوچ قوم هميشه رد ڪيو آهي. بلوچ نسل ڪشي ۽ جبري گمشدگين خلاف جاري لانگ مارچ جي ڊي جي خان ۽ تونسا ۾ هزارين ماڻهن جي استقبال ۽ شرڪت ثابت ڪري ڇڏيو ته بلوچ نوري نصير خان جا پيروڪار آهن سينئر صحافي رياض سهيل لکيو ته بلوچستان جي جبري گمشدگين خلاف اهو پيو مارچ آهي. ماهه رنگ بلوچ ۽ سمي بلوچ جي قيادت ۾ اهو مارچ نوجوانن تي مشتمل آهي. جن جو آواز به توانو آهي انهن بلوچ بيانئي کي پنجاب جي بلوچن سان گڏ به جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان مارچ ڪانپوءِ بلوچستان مان چونڊن ۾ حصو وٺندڙ پارٽين کي هن اشو تي خاموشي ٽوڙڻي پوندي

بقايا 27 ***

موجب انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 11 پئسا سستو ٿيڻ کانپوءِ 282 رپين 90 پئسن جو ٿي ويو. هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 25 پئسا مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 284 رپين 50 پئسن جو آهي.

بقايا 28 ***

ويو آهي محمد خان جوڻيجو ڪنگري هائوس ڪراچي ۾ پير پاڳاري سان ملاقات بعد جي ڊي اي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو ذريعن موجب محمد خان جوڻيجو سانگهڙ جي قومي تڪ اين اي 209 تان جي ڊي اي جي ٽڪيٽ تي اليڪشن وڙهندو

بقايا 29 ***

تڪ پي ايس 70 تي جي ڊي اي اڳواڻ ذوالفقار مرزا، ڊاڪٽر فهميدا مرزا ۽ حسنين مرزا سميت مرزا فيملي پاران 12 فارم ورتا وياپ پ ضلعي بدين جي اڳواڻ سائين بخش جمالي جي پاءِ ۽ آبادگار اڳواڻ شاهنواز خان جمالي به نامزدگي فارم وصول ڪيا قمبر جي صوبائي تڪ پي ايس 16 لاءِ پ پ جي اڳوڻي ايم پي اي سردار چانڊيو ۽ سندس پاءِ برهان چانڊيو لاءِ نامزدگي فارم وصول ڪيا وياجي يو آءِ اڳواڻ راشد سومرو لاءِ لاڙڪاڻي جي قومي تڪ اين اي 194 تان نامزدگي فارم وصول ڪيا وياساڳئي تڪ تان گذريل ڏينهن بلاول ڀٽو زرداري لاءِ نامزدگي فارم وصول ڪيا ويا هئاجيڪب آباد جي قومي تڪ اين اي 190 تان محمد ميان سومرو لاءِ نامزدگي فارم وصول ڪيو ويو ساڳئي تڪ تان پ پ اڳواڻ اعجاز جکراڻي جي لاءِ به نامزدگي فارم وصول ڪيو ويو. جي يو آءِ اميدوار ڊاڪٽر اي جي انصاري به نامزدگي فارم وصول ڪيومير و خان جي صوبائي تڪ پي ايس 15 تان پ پ سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو اڳوڻي ايم پي اي گهنور خان اسراڻ ۽ ٻين جي لاءِ نامزدگي فارم وصول ڪيا ويا

بقايا 30 ***

کاتي جي انجنيئرن پاران سنڌ جي اعليٰ اختيارين جي رهائشگاهن تي مرمت وارن منصوبن ۾ به سيپرا رولز جي ابتڙ مبينا طور تي 21 جعلي ورڪ آرڊرن تي وڏي رقم ڪيرائي ورتي آهي. هٿ آيل دستاويزن موجب ته ڪراچي جي ضلعي اوڀر ۽ ضلعي ڪورنگي ۾ قائم سرڪاري گهرن جي مرمتي ڪم ڪرائڻ جو جواز ڄاڻائي 21 جعلي ورڪ آرڊرن ذريعي رقم ڪيرائي وئي.

بقايا 31 ***

جي قابليت ۽ استادن جي پڙهائي مان مطمئن نه آهيان ڊائريڪٽر ايجوڪيشن چيو ته اسڪول ۾ 19 ايچ ايس ٽي سميت 50 استادن جي ضرورت آهي نگران وڏي وزير مقبول باقر چيو ته استادن جي کوٽ ختم ڪرڻي هئي. اڻين ته شاگردن جو مستقبل تاهه ٿي ويندو دوري دوران وڏي وزير پاران ڊائريڪٽر ايجوڪيشن تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو. هن چيو ته شاگرد تمام گهڻا آهن پر استادن جي کوٽ سبب سندن نقصان ٿي رهيو آهي

بقايا 32 ***

نامزدگي ڪاغذن جي وصولي جا ڏينهن وڌائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ جي حڪم تي اليڪشن ڪميشن طرفان عام چونڊن جو شيڊول جاري ڪيو ويو پر اليڪشن ڪميشن شيڊول ۾ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرائڻ جي لاءِ 3 ڏينهن جو وقت رکيو آهي، سينيٽر ڪامران مرتضيٰ مطالبو ڪيو ته سياسي پارٽين کي چونڊن جي لاءِ قومي ۽ صوبائي سطح تي اميدوارن کي پارٽي ٽڪيٽ ورهائڻيون آهن ان ڪري نامزدگي ڪاغذن جي وصولي لاءِ 3 ڏينهن جو اضافو ڪيو وڃي. خط ۾ جي يو آءِ جي سينيٽر چيو آهي ته نامزدگي ڪاغذن جي اسڪروٽني جي وقت کي 8 ڏينهن کان گهٽ ڪري چار ڏينهن ڪري سگهجي ٿو ۽ اسڪروٽني جو وقت گهٽ ڪرڻ سان پولنگ 8 فيبروري تي ڪرائڻ ممڪن هوندي. هن چيو ته جي يو آءِ (ف) کي چونڊن جي تاريخ ۽ ٻئي اليڪشن شيڊول جي مرحلي تي ڪوبه اعتراض نه آهي پر اليڪشن ايڪٽ جي سيڪشن 58 جي تحت اليڪشن ڪميشن شيڊول اندر هيٺ مٿانهين ڪري سگهي ٿو سينيٽر ڪامران مرتضيٰ چيو ته نامزدگي ڪاغذن جي وقت ۾ اضافو جي يو آءِ (ف) جي لاءِ بطور سياسي پارٽي اطمينان جوڳو هوندو. نامزدگي ڪاغذن جو وقت وڌائڻ سان سياسي پارٽين کي بهتر اميدوارن جي چونڊ ۾ آساني ٿيندي.

بقايا 33 ***

ڪيس ڊي جي پي آر سنڌ ان موقعي تي آفيسرن ۽ عملي کي هدايتون ڏنيون ته اهي پنهنجون سرڪاري ذميواريون وقت سر ۽ ذميواري سان سرانجام ڏين. هن چيو ته اطلاعات کاتي جو سڀ کان اهم ڪم اهو آهي ته هو عوام کي سنڌ حڪومت جي سمورن منصوبن بابت ميڊيا ذريعي آگاهي ڏئي ۽ ان مقصد لاءِ سمورن کاتن جا آفيسر پرنٽ، اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا جو استعمال ڪري عوام کي آگاهي. ڊي جي پي آر سنڌ محمد سليم خان پنهنجي دوري دوران ڊائريڪٽوريٽ آف ايڊمن اينڊ اڪائونٽس، ڊائريڪٽوريٽ آف ايڊورٽائزمنٽ، ڊائريڪٽوريٽ آف پريس انفارميشن، ڊائريڪٽوريٽ آف پبليڪيشن، ڊائريڪٽوريٽ آف فلمز ڊائريڪٽوريٽ آف آر اينڊ آر ۽ سيڪشن آفيسرن جي آفيسن جو دورو ڪيو هن آفيسرن ۽ عملي کان آفيس جي معاملن بابت پڇا ڪئي ۽ موقعي تي ضروري هدايتون جاري ڪيون.

بقايا 34 ***

اعلان ڪري ڇڏيو ڪوئيٽا ۾ بلوچستان جي سڏسماءِ واري نگران وزير جان اڇڪزئي سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي سرفراز بنگلزئي چيو ته بلوچستان جو امن تباهه ڪرڻ لاءِ پارٽ فنڊنگ ڪندو آهيون چيو ته ڪجهه ماڻهو پنهنجن ڪڏن مقصدن لاءِ بلوچ مائرن، ڀينرن ۽ نوجوانن کي رياست خلاف استعمال ڪري رهيا آهنهن چيو ته پنهنجن ماڻهن ۽ سرزمين کان پري رهڻ تي پڇتائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿو ملي. ٻيا ماڻهو به ان انتظار ۾ آهن ته رياست هنن جي آجيان ڪرينگران وزير جان اڇڪزئي چيو ته بغاوت ڇڏي واپس ايندڙن کي رياست ڀليڪار ڪندي. غلط فهميون ۽ وڇوٽيون ختم ٿيڻ گهرجنتگران وزير جان اڇڪزئي چيو ته پاڪستان جي ترقيءَ جو رستو بلوچستان مان وڃي ٿو

بقايا 35 ***

مان گهٽائي 16.4 سيڪڙو ڪيو ويو ۽ شارٽ ٽرم سيونگ سرٽيفڪيٽ جو منافعو 21.72 سيڪڙو مان گهٽائي 20.80 سيڪڙو ڪيو ويو آهي. پينشن بينيفٽ اڪائونٽ، شهيدن جي فيملي جي ويلفيئر اڪائونٽ جو منافعو 16.32 مان گهٽائي 16.08 سيڪڙو ڪيو ويو. اهڙي ريت ريگيولر انڪم سرٽيفڪيٽ 16.08 مان گهٽائي 15.12 سيڪڙو ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب ڊفينس سيونگ سرٽيفڪيٽ، سيونگ اڪائونٽ ريٽ جي منافعي ۾ ڪا تبديلي ناهي ڪئي وئي.

بقايا 36 ***

لاءِ زور ڀريندي چيو ته غزه ۾ انساني همدردي ۽ خطي ۾ جٽادار امن لاءِ 2 رياستي حل جو نفاذ ضروري آهي، پاڪستان ڏکهي مدي وارن بطرفن لاڳاپن ذريعي آمريڪا سان مضبوط لاڳاپا وڌائڻ جو خواهشمند آهي آرمي چيف جون آمريڪي دوري دوران سياسي ۽ عسڪري قيادت سان ڳالهيون مثبت رهيون

بقايا | سنڌيار | 38

جون ڳالهيون ٻڌي ٻنهي ڌرين کي ڀاڪر پارايا ويا ۽ فيصلي ڪاٿون اڳتي لاءِ ڪنهن بہ ڌر اڳرائي ڪئي تہ ڏنڊ وڌو ويندو فيصلي ۾ سياسي ۽ علا شرڪت ڪئي ان موقعي تي وسيم ملاح. علي مراد. شفيع محمد. بشيراحمد ۽ سينئر صحافي اسدالله ميمڻ شرڪت ڪئي

حڪومت سنڌ
ڊائريڪٽر سنڌ فشريز ايڪوڪلچر اينڊ ريسرچ انسٽيٽيوٽ (سفاري) چليا ٺٽو

No.DFS/SFARI/NIT/Goods/05/_53/2023, Chilya, Dated:

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ڊائريڪٽر فشريز سنڌ فشريز ايڪو ڪلچر اينڊ ريسرچ انسٽيٽيوٽ چليا ٺٽو. موجوده مالي سال 2023_24 لاءِ فرمز/ڪمپنين/سپلائيرز ۽ واحد ورهائيندڙن کان سيل ٿيل بڊز کي دعوت ڏئي ٿو. اڪائونٽ جي عنوان هيٺ شين جي خريداري لاءِ غير ترقياتي بجيٽ جي شقن. "دوا جي خريداري ۽ دوائون. ٻين اسٽورن جي قيمت، ٻيا ۽ ٻوٽا ۽ مشينري" مقدار ۽ وضاحتون بيان ڪيل دستاويز جي ضرورت جي شيڊول ۾ بيان ڪيل آهن.

2. بڊرز حاصل ڪري سگهن ٿا بڊنگ دستاويز، تفصيلي تفصيل ۽ ڪا بہ وڌيڪ معلومات ڊائريڪٽر فشريز کان. سنڌ فشريز ايڪو ڪلچر اينڊ ريسرچ انسٽيٽيوٽ چليا ٺٽو.

ٽينڊرفي	تصريحات	ٽينڊر نمبر
2000رپيا	ٻرگس ۽ ميڊيسنز جي خريداري	1.
2000رپيا	هيڊ آف اڪائونٽنٽ تحت شين جي فراهمي "ٻين اسٽورن جي لاڳت"	2.
2000رپيا	هيڊ آف اڪائونٽنٽ تحت شين جي فراهمي "ٻين"	3.
2000رپيا	پلانٽ اينڊ مشينري (سولر سسٽم)	4.

2. دلچسپي رکندڙ فرم / ڪمپنيون / سپلائرز ۽ واحد ورهائيندڙ ڊائريڪٽر فشريز کان بڊنگ دستاويز جو مڪمل سيٽ خريد ڪري سگهن ٿا. سنڌ فشريز ايڪو ڪلچر اينڊ ريسرچ انسٽيٽيوٽ چليا ٺٽو. ڊائريڪٽر فشريز جي نالي تي ڪال ڊيپوزٽ/پ آرڊر جي صورت ۾ ناقابل واپسي فيس جي ادائگي تي لکيل درخواست جمع ڪرائڻ تي. سنڌ فشريز ايڪو ڪلچر اينڊ ريسرچ انسٽيٽيوٽ چليا ٺٽو. فرم / ڪمپنيون/ سپلائرز ۽ واحد ورهائيندڙن وٽ انڪم ٽيڪس، جنرل سيلز ٽيڪس (ايف بي آر) جي رجسٽريشن لازمي آهي.

3. فرمز / ڪمپنيون / سپلائرز ۽ واحد ورهائيندڙن کي لازمي طور تي پيش ڪيل ڪل بولي جي 5٪ جي سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ گهرجي ڪال ڊيپازٽ / پي آرڊر جي شڪل ۾ ڊائريڪٽر فشريز جي حق ۾. سنڌ فشريز ايڪو ڪلچر اينڊ ريسرچ انسٽيٽيوٽ چليا ٺٽو

4. بڊنگ جو طريقو سنگل اسٽيج_ ون لفافو پروسيجر هوندو فرم / ڪمپني/ سپلائر/ واحد ورهائيندڙ هڪ لفافو تيار ڪندو جنهن ۾ ٽيڪنيڪل ۽ مالي تجويز شامل هوندي.

5. پروڪيورنگ ايجنسي ڪنهن بہ وقت بڊنگ يا پروپوزل جي قبوليت کان اڳ بڊنگ جي عمل کي رد ڪري سگهي ٿي.

6. سپلائي آرڊر فنانس ڊپارٽمينٽ پاران جاري ڪيل فنڊز مطابق جاري ڪيا ويندا

7. ضرورتن جي شيڊول ۾ بيان ڪيل وقت جي اندر سپلائي / سامان مڪمل ڪيو ويندو

8. قاعدن جي مطابق جتي بہ لاڳو ٿئي، سڀني سرڪاري ٽيڪسن سميت شرح جو حوالو ڏنو وڃي.

9. هر ٽينڊر کي هڪ يونٽ سمجهيو ويندو ۽ ڪنهن بہ ورهايل ٽينڊر جي اجازت نہ هوندي

10. ضرورتن جو دائرو ۽ شيڊول هن NITجو حصو ۽ پارسل آهن.

11. بليڪ لسٽ / ڊفالٽر فرم / ٺيڪيدار / ڪمپنيون / واحد ڊسٽريبيوٽر بولنگ جي عمل ۾ حصو وٺڻ جا حقدار نہ آهن

12. ان صورت ۾ جيڪڏهن حڪومت سرڪاري موڪل جو اعلان ڪندي تہ بلون اينڊڙ ڪم واري ڏينهن تي کوليون وينديون.

13. بڊنگ دستاويزن جو مڪمل سيٽ خريد ڪري سگهجي ٿو ۽ هيٺ ڏنل شيڊول جي مطابق جمع ڪرايو وڃي.

اشاعت جي تاريخ کان	ٽينڊر جي اجراءِ جي تاريخ
09/01/2024 تي آفيس وقت دوران	ٽينڊر جي اجراءِ جي آخري تاريخ
10/10/2024 تي 12:00 وڳي منجهند	ٽينڊر جي وصولي جي آخري تاريخ
10/10/2024 تي 12:30 وڳي	ٽينڊر جو کولڻ
ڊائريڪٽر فشريزم. سنڌ فشريز ايڪوڪلچر اينڊ ريسرچ انسٽيٽيوٽ چليا ٺٽو	واڪ دستاويزن جي اجراءِ جو هنڌ
ڊائريڪٽر ڊي ايف (سفاري) سنڌ فشريز ايڪوڪلچر اينڊ ريسرچ انسٽيٽيوٽ آف چليا ٺٽو فون نمبر: 03337177344_ 03147783206 adflsfh@gmail.com	ٽينڊر جي جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جو هنڌ

نواب سجاد لاڙڪ
اسسٽنٽ ڊائريڪٽر فشريز
ڊرائنگ اينڊ ڊسبرسنگ آفيسر (TX0052)
سنڌ فشريز ايڪيوڪلچر اينڊ ريسرچ انسٽيٽيوٽ (سفاري)
چليا ٺٽو

پڙهندي سنڌ......... تہ وڌندي سنڌ. INF/KRY#4741/23

ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن صدر، ڪراچي
آفيس آف دي ڊائريڪٽر ايڊورٽائزمينٽ

No.Dir/Advt/TMC/S/02/2023 Dated: 19/12/2023

هڪ سال 2024_2023 لاءِ ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن صدر، ڪراچي جي حدن اندر شاپ بورڊز، سن شيڊز ڪمپني بورڊز ۽ موونگ پبليڪيشن جي بحاليءَ جي حقن جي نيلامي.

ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن صدر ڪراچي جي حدن ۾ دڪانن جي بورڊن، سن شيڊز، ڪمپني بورڊن ۽ هلنڊڙ پبلسٽي کان اشتهاري فيس جي وصولي لاءِ ليز هولڊ رائٽس جي نيلامي 10/01/2024 تي صبح 11:00 وڳي ٿيندي. ڪائونسل هال، _TMCصدر آفيس ڪراچي.

01	دڪان جا بورڊ، سج جا ڇانو، ڪمپني بورڊ ۽ هلنڊڙ پبلسٽي (سيني سرگرمين سميت)	32,883,713 رپيا (صرف 32 ڪروڙ 8 لک 83 هزار ست سئو تيرهن).

دلچسپي رکندڙ پارٽين کي اپ سيٽ قيمت جو 10 سيڪڙو سيڪيورٽي ڊيپوزٽ طور جمع ڪرائڻو پوندو پي آرڊر ذريعي _TMCصدر، ڪراچي جي حق ۾ ۽ هيٺ ڏنل دستاويز جمع ڪرايا ويندا 1. SRBرجسٽريشن سرٽيفڪيٽ 2. حلف نامو ڏيڪاريندو تہ حصو وٺندڙ ڪنهن بہ لوڪل ڪائونسل جو ڊيفالٽر ناهي ، وفاقي يا صوبائي حڪومت 3. NTNسرٽيفڪيٽ. جيڪي انهن کي نيلامي ۾ حصو وٺڻ جا حقدار هوندا. ناڪام بولي ڏيندڙ جا پي آر آرڊر واپس ڪيا ويندا. جڏهن تہ ڪامياب واڪ ڏيندڙ جا پي آر آرڊر ڪانٽريڪٽ جي سيڪيورٽي طور برقرار رکيا ويندا.

سڀ کان وڌيڪ بيڊر اپ سيٽ قيمت جي فرق کي جمع ڪرائيندو ۽ آخري بولي کي ٽيڪي تي 10 سيڪڙو سيڪيورٽي ڊيڊ لاءِ پي آرڊر يا نقد رقم جي ذريعي جاءِ تي سڀ کان وڌيڪ بيڊ هٽائڻ کان پوءِ ڪانٽريڪٽي رقم جو ڏهون حصو پي آرڊر جي صورت ۾ ادا ڪيو ويندو صرف قابل اختيار اٿارٽي کان اعليٰ بل جي قبوليت کان پوءِ باقي معاهدي جي رقم ڇهہ يا پنج برابر مهيني قسطن ۾ ادا ڪئي ويندي ۽ اڳواٽ هر مهيني جي پنجين تائين انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس، پروفيشنل ٽيڪس يا ڪا ٻي ليوي ٺيڪيدار طرفان ادا ڪئي ويندي.

هر شرڪت ڪي نيلامي ۾ حصو وٺڻ کان پهريان نيلامي جا شرط ۽ ضابطا خريد ڪرڻ ۽ پڙهڻ گهرجن. شرطون ۽ ضابطا لکيل درخواست تي، 25000 جي پي آرڊر ذريعي _TMCصدر، ڪراچي جي حق ۾ پي آرڊر ذريعي آرام باغ پوليس اسٽيشن حقاني چوڪ ڪراچي جي سامهون خيال داس پارڪ ۾ واقع هيٺ دستخط ٿيل آفيس مان خريد ڪري سگهجن ٿا. (غير واپسي). ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن صدر، ڪراچي ڪنهن بہ يا سڀني بلن کي قبول يا رد ڪرڻ جا حق محفوظ رکي ٿي.

صورت ۾، جيڪڏهن نيلام منعقد نہ ڪيو ويو آهي / ملتوي ڪيو ويو آهي / 10/01/2024 تي ڪو بہ وصول نہ ڪيو ويو آهي. ساڳئي وقت 11/01/2024 (ٻيو پيرو) ۽ 12/01/2024 تي (ٽيون پيرو) ساڳئي وقت منعقد ڪئي ويندي. وقت ۽ جڳهہ.

ڊائريڪٽر
ايڊورٽائزمينٽ ٽي ايم سي_صدر
ڪراچي

INF/TMC/SADDAR/06/2023 INF/KRY#4749/03

پڙهندي سنڌ تہ ... وڌندي سنڌ